روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اربع 23 آگسٽ 2023 ع بمطابق 05 صفر 1445 ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 87

ڏکڻ وزيرستان ۾ دهشتگردن جي فائرنگ ۾ پاڪ جا 6 جوان شهيد، چار دهشتگرد مارجي ويا

ڏکڻ وزيرستان جي علائقي آسمان منزه ۾ سڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي

سيڪيورٽي فورسز اثرائتي طريقي سان دهشتگردن جي ٺاڪن جو پتو لڳايو ۽ ان دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ چار دهشتگردي مارجي ويا

ٻه دهشتگرد زخمي ٿي پيا ، دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ پاڪ فوج جي 6 جوانن شهادت ماڻي

علائقي ۾ دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي : آءِ ايس پي آر

پاڪ فوج دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي ۽ اسان جا بهادر سپاهين جون اهڙيون قربانيون اسان جي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون

راولپنڊي (م ڊ) ڏکڻ وزيرستان ۾ دهشتگردن جي فائرنگ ۾ جي ڏي وٺ ۾ پاڪ فوج جا 6 جوان شهيد ۽ 4 دهشتگرد مارجي ويا آهن. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب، ڏکڻ وزيرستان جي علائقي آسمان منزه ۾ سڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي سيڪيورٽي فورسز اثرائتي طريقي سان دهشتگردن جي ٺاڪن جو پتو لڳايو ۽ ان دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪارڪن قتل پيا ٿين، جوڳا حفاظتي اپاءَ وٺو: مراد علي شاهه

ملاقات ۾ پيپلز پارٽي جي وفد نگران وڏي وزير کي ڪراچي ۾ گذريل ڏينهن پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن امجد حسين ۽ شوڪت بلوچ جي قتل تي خدشن کان آگاهه ڪيو

پيپلز پارٽي جي وفد نگران وڏي وزير کان دهشتگردي جي واقعن جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪندي واقعن ۾ ملوث قاتلن کي فوري گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ اڳوڻي صوبائي وزير سعيد غني پرامن سياسي ڪارڪنن جي قتل کي ڪراچي جي امن لاءِ خطرو ۽ پرامن چونڊن کي سبوتاز ڪرڻ جي سازش قرار ڏنو

نگران وڏي وزير پيپلز پارٽي جي اڳواڻن کي قاتلن جي گرفتاري جو يقين ڏياريو ۽ ڪين جاچ ۾ اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو

ڪراچي ۾ امن امان کي هر صورت ۾ برقرار رکيو ويندو : ملاقات دوران نگران وڏي وزير نگران وڏي وزير رٽائرڊ جسٽس مقبول باقر پاران وفد کي يقين ڏهاني

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ اڳوڻي صوبائي وزير سعيد غني سنڌ جي نگران وڏي وزير رٽائرڊ جسٽس مقبول باقر سان اگاري ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ پيپلز پارٽي جي وفد نگران وڏي وزير کي ڪراچي ۾ گذريل ڏينهن پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن امجد حسين ۽ شوڪت بلوچ جي قتل تي خدشن کان آگاهه ڪيو. ان موقعي تي پيپلز پارٽي جي وفد نگران وڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

مريم نواز کي نيب ترميمن سان رليف ملي ويو، ضمانت رد ڪرڻ جي درخواست خارج

سپريم ڪورٽ رمضان شگر مل ڪيس ۾ ضمانت رد ڪرڻ جي درخواست واپس وٺڻ جي بنياد تي خارج ڪري ڇڏي

مريم نواز جو ڪيس نيب ترميمن ڪانپوءِ ٻڌڻي جوڳو ناهي رهيو، تنهن ڪري درخواست خارج ڪرڻ بدران اڪلائي ڇڏيو : نيب پراسيڪيوٽر

درخواست اڪلائيندا سين ته توهان کي پسند ايندو؟ : چيف جسٽس عمر عطا بنديال جو نيب پراسيڪيوٽر کان پڇاڻو

اسلام آباد (م ڊ) نيب ترميمن سان ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز کي رليف ملي ويو سپريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي سان ڊي جي ايف آءِ اي ملاقات ڪري رهيو آهي

چونڊ نتيجا بدلائڻ جو الزام، ٽرمپ پاڻ کي جيل اختيارين حوالي ڪندو

واشنگٽن (م ڊ) صدارتي اليڪشن ۾ آمريڪي رياست جارجيا جا چونڊ نتيجا بدلائڻ واري ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

هڪ پاسي آئيني ذميواري ٻئي پاسي پارٽي جو دٻاءُ، صدر علوي ڦاسي پيو

صدر جي آرمي ايڪٽ ترميمي بل بابت ٽوئيٽ کان اڳ سيڪريٽري وقار احمد سان ڪيل مبينا گفتگو سامهون اچي وئي

صدر پنهنجي سيڪريٽري سان گفتگو ۾ چيو مون کي خبر آهي ته بل جي منظوري ۾ توهان جو ڪو ڏوهه ناهي : ايوان صدر ذريعا

ڊاڪٽر عارف علوي آچر تي منجهند هڪ لڳي 45 منٽن تي بل جي منظوري بابت خدشن تي ٻڌل ٽوئيٽ ڪيو : ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي جي آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بل بابت ٽوئيٽ کان اڳ سيڪريٽري وقار احمد سان ڪيل مبينا گفتگو سامهون اچي وئي ايوان صدر جي ذريعن موجب صدر پنهنجي سيڪريٽري سان گفتگو ۾ چيو مون کي خبر آهي ته بل جي منظوري ۾ توهان جو ڪو ڏوهه ناهي پر مون تي پارٽي جو تمام گهڻو دٻاءُ آهي. ذريعن موجب سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ مزار قائد تي حاضري دوران دعا گهري رهيو آهي

”ڪارونجهر جي ڪٽائي نامنظور“ اي جي پي ۽ سنڌي عورت تنظيم جو احتجاج

اي جي پي صدر سيد لال شاهه، ايس ايس او صدر گلاب راءِ، ايس اي ٽي صدر ادي نظير قريشي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ڪارونجهر اسان جو تاريخي ۽ ثقافتي ورثو آهي جنهن جي نيلامي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي : اڳواڻ

سنڌي عوام جي ڳڏيل جدوجهد جي ذريعي سنڌ جي تاريخي ماڳن کي بچايو ويندو ۽ ان جي خلاف ٽينڊر سازش کي ناڪام بڻايو ويندو

حيدرآباد (رپورٽر) عوامي جمهوري پارٽي، سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن ۽ سنڌي عورت تنظيم طرفان ڪارونجهر جي ڪٽائي ۽ نيلامي سنڌ جي قدرتي وسيلن جي ڦرلٽ خلاف ڪارونجهر تي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ عورتن مردن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

نيب طرفان شرجيل ميمڻ جي درخواست تي جواب جمع

اڳوڻي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ۽ ڀين خلاف 6 ارب رپين جي ڪرپشن ريفرنس جي ٻڌڻي ٿي

جوابدارن خلاف اختيارن جي ناجائز استعمال جو ريفرنس داخل ڪيو ويو : نيب جو جواب

شرجيل ميمڻ جي پنهنجي ۽ بي نامي ماڻهن جي نالي تي ناهيل غير قانوني اثاثن جي لسٽ به پيش ڪئي پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) نيب 6 ارب رپين جي ڪرپشن ريفرنس ۾ شرجيل ميمڻ جي درخواست تي ڪراچي جي احتساب عدالت ۾ جواب جمع ڪرائي ڇڏيو آهي، اڳوڻي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ۽ ڀين خلاف 6 ارب رپين جي ڪرپشن ريفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير جمال شاهه سان چائنا جو پرڏيهي سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

پاڪستان رينجرز پارت طرفان اسمگلنگ جي وڏي ڪارروائي ناڪام بڻائي ڇڏي، 6 ڀارتي شهري گرفتار

29 جولاءِ کان 3 آگسٽ تائين مداخلت جي ڪوشش ۾ 6 ڀارتي سمگلر گرفتار ڪيا ويا

گرفتار ڪيل ڀارتي شهرين ۾ فيروزپور جو رهواسي گرميج سنگهه، شندر سنگهه، جگندر سنگهه ۽ وشال سنگهه شامل

جالنڌر جي مهيندر سنگهه ۽ لڌيانا سان واسطو رکندڙ گروندر سنگهه کي به گرفتار ڪيو ويو

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان رينجرز پارت طرفان منشيات ۽ هٿيارن جي اسمگلنگ ناڪام بڻائيندي 6 ڀارتي اسمگلرن کي گرفتار ڪري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پاڪستان رينجرز پارت طرفان اسمگلنگ جي وڏي ڪارروائي ناڪام بڻائي گرفتار ڪيل ڀارتي شهري

فيصل آباد بورڊ نائين درجي جي ساليانين امتحانن جي نتيجن جو اعلان ڪري ڇڏيو

فيصل آباد (م ڊ) فيصل آباد بورڊ نائين درجي جي ساليانين امتحانن جي نتيجن جو اعلان ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

22هين گريڊ جي آفيسر صدر جي سيڪريٽري بڻجڻ کان معذرت ڪري ڇڏي

صدر طرفان نامزد ڪيل حميرا احمد صدر جي سيڪريٽري بڻجڻ کان انڪار ڪيو

حميرا احمد سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ کي پنهنجي خدشن کان آگاهه ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي طرفان نامزد ڪيل 22هين گريڊ جي آفيسر حميرا احمد سيڪريٽري بڻجڻ کان معذرت ڪري ڇڏي، صدر جي سيڪريٽري جي مقرري جو معاملو نئون رخ اختيار ڪري ورتو صدر طرفان نامزد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ سماءَ وارو اڳوڻو صوبائي وزير

حڪومت جو جڙانوالا واقعي خلاف سخت ڪارروائي جو فيصلو

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ختم ٿي ويو

ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت ناهي : نگران وفاقي ڪابينا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ختم ٿي ويو اجلاس ۾ جڙانوالا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

بورڊ آف روينيو جي ڪاتن ۾ خامين کي ختم ڪيو وڃي: سنڌ جو نائين وارو نگران وزير

شهرين کي آساني ۽ خدمتن ۾ بهتري لاءِ اي رجسٽريشن سسٽم متعارف ڪيو وڃي: محمد يونس ڍاڳا

صوبائي نگران وزير محمد يونس ڍاڳا اڄ سنڌ بورڊ آف روينيو جي آفيس ۾ اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ بورڊ آف روينيو سنڌ جي آفيسرن نگران صوبائي وزير کي پنهنجي پنهنجي شعبن جي باري ۾ تفصيلي بريفنگ ڏني

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي نائين، روينيو، منصوبه بندي ۽ ترقيات کاتن بابت صوبائي نگران وزير محمد يونس ڍاڳا اڄ سنڌ بورڊ آف روينيو جي آفيس ۾ منعقد ڪيل اجلاس جي صدارت ڪندي آفيسرن کي هدايتون ڏنيون آهن ته بورڊ آف روينيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ايمان مزاري جي ضمانت منظور، علي وزير جوڊيشل رمانڊ تي جيل حوالي

علي وزير کي 14 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي اڊيالا جيل موڪلي ڇڏيو

پوليس علي وزير کي ٻن ڏينهن جي جسماني رمانڊ ڪانپوءِ عدالت ۾ پيش ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي عدالت سرڪاري ڪم ۾ مداخلت ۽ سرڪاري ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ جي ڪيس ۾ ايمان مزاري جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير تعليم مدد علي سنڌي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

بشريٰ بي بي جون جيل ۾ مڙس سان ڏگهيون ملاقاتون

بشريٰ بيبي جي جيل پهچڻ تي پوليس ناڪي تي روڪي ورتو هو ۽ سندس گاڏي جي مڪمل تلاشي ورتي وئي

بشريٰ بي بي قانوني ٽيم سان گڏ تحريڪ انصاف جي چيئرمين سان ملڻ ڊسٽرڪٽ جيل پهتي ته پوليس سندس گاڏي کي روڪيو

پي ٽي آءِ جي ليگل ٽيم جي پوليس سان ڳالهين بعد بشريٰ بي بي کي اجازت ملي

لاهور (م ڊ) اڳوڻي خاتون اول بشريٰ بي بي پي ٽي آءِ چيئرمين سان اٽڪ جيل ۾ هڪ ڪلاڪ ڏگهي ملاقات ڪئي، ڪيس جيل پهچڻ تي پوليس ناڪي تي روڪي ورتو هو ۽ سندس گاڏي جي مڪمل تلاشي ورتي وئي جنهن بعد ڪيس جيل ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

لنڊن ۾ شهباز شريف ۽ نوازشريف وچ ۾ اڍائي ڪلاڪن جي ڊگهي ملاقات

لنڊن ۾ واقع ايون فيلڊ ۾ نوازشريف ۽ شهبازشريف وچ ۾ ملاقات اڍائي ڪلاڪن تائين جاري رهي

ملاقات ۾ سياسي صورتحال ۽ عام چونڊن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون : ذريعا

ملاقات ۾ نوازشريف جي واپسي جي حوالي سان مسئلن تي به ڳالهيون ڪيون ويون

لنڊن (م د) لنڊن ۾ اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ مِيان نوازشريف سان ملاقات ڪئي آهي. ذريعن موجب لنڊن ۾ واقع ايون فيلڊ ۾ نوازشريف ۽ شهبازشريف وچ ۾ ملاقات اڍائي ڪلاڪن تائين جاري رهي، ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لنڊن: اڳوڻو وزيراعظم شهباز شريف مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ميان نوازشريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

”انساني حقن تي عملدرآمد واري ايڪشن پلان“ تي عملدرآمد لاءِ صوبائي ٽاسڪ فورس سان اجلاس

ڪراچي (رپورٽر) انساني حقن واري وزارت، حڪومت پاڪستان پاران منعقد ڪيل ”انساني حقن تي عملدرآمد واري ايڪشن پلان“ تي عملدرآمد لاءِ صوبائي ٽاسڪ فورس سان هڪ ڏينهن جو مشاورتي اجلاس اڄ مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ ڊائريڪٽر ايڪشن پلان ذوالفقار، ريجنل ڊائريڪٽر هيومن رائيٽس سنڌ اقبال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سراج الحق جي فاطمه ڦرڙو جي پيءُ سان تعزيت، جوابدار کي ڦاهي ڏيڻ گهرجي: جماعت اسلامي امير

سراج الحق نوشهري فيروز پرسان ڳوٺ علي محمد ڦرڙو پهچي مقتول فاطمه جي پيءُ سان تعزيت ڪئي

واقعي تي مون کي دلي صدمو پهتو آهي، اسان توهان جي هر ممڪن مدد ڪنداسين : سراج الحق

فاطمه جو ٻڌي منهنجي لونءَ ڪانڊرجي وئي، جنت جي عورتن جي سردار جو نالو به فاطمه آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽر) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي ته فاطمه جا قاتل قومي ڏوهي آهن. سراج الحق نوشهري فيروز پرسان ڳوٺ علي محمد ڦرڙو پهچي مقتول فاطمه جي پيءُ سان تعزيت ڪئي ۽ ڪيس پاڪر بائي آئوٽ ڏني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

نوشهروفيروز: جماعت اسلامي جي امير سراج الحق فاطمه ڦرڙو جي والد سان تعزيت دوران ڪيس آئوٽ ڏيندي

ايف آءِ اي انٽرپول پاڪستان سنگين ڏوهن ۾ گهربل جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) انٽرپول پاڪستان ڪارروائي ڪندي سنگين ڏوهن ۾ گهربل جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو ايف آءِ اي ترجمان موجب اشتهاري جوابدار نويد احمد پنجاب پوليس کي گهربل هو، جنهن کي قطر مان گرفتار ڪري اسلام آباد ايئرپورٽ منتقل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ايران خلاف اڳرائيءَ ۾ ملوث هر هٿ ڪٽيو ويندو: ايراني صدر

ايراني ڊرون مهاجر-10، ٽي سئو ڪلو گرام تائين پي لوڊ کڻي وڃڻ جي صلاحيت رکي ٿو

جديد ڊرون ٻه هزار ڪلوميٽر آپريشنل رينج سان گڏ، 24 ڪلاڪن تائين اُڏام جي صلاحيت رکي ٿو

تهران (م ڊ) ايراني صدر ابراهيم رئيسي چيو آهي ته ايران خلاف اڳرائيءَ ۾ ملوث هر هٿ ڪٽيو ويندو پرڏيهي خبررسان اداري موجب، ايران طرفان مقامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ذڪاءَ اشرف کي عهدي تان هٽائڻ لاءِ وزيراعظم آفيس کي خط

خط بين الصوبائي رابطن واري وزارت اليڪشن ڪميشن جي حڪمن جي روشني ۾ لکيو

ذڪاءَ اشرف جي مقرر سياسي مقررين ۾ اچي ٿي : خط جو متن

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي مئنيجمينٽ ڪميٽي جي چيئرمين ذڪاءَ اشرف کي عهدي تان هٽائڻ لاءِ وزير اعظم آفيس ڏانهن خط لکيو ويو آهي ذريعن موجب، خط بين الصوبائي رابطن واري وزارت اليڪشن ڪميشن جي حڪمن جي روشني ۾ لکيو آهي، جنهن ۾ ذڪاءَ اشرف جي مقرري کي سياسي قرار ڏنو ويو آهي. خط جي متن ۾ چيو ويو آهي ته ذڪاءَ اشرف جي مقرر سياسي مقررين ۾ اچي ٿي. وزارت طرفان فيڊرل لينڊ ڪمشنر سيد احمد نواز شاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪرڪيٽ بورڊ مئنيجمينٽ ڪميٽي چيئرمين ذڪاءَ اشرف

فاطمه ڦرڙو ڪيس ۾ نامزد عورت جوابدار حنا شاهه عرف سونيا شاهه گرفتار

مان ڌيءَ جي قاتل کي ڦاسي تائين پهچائي ساهه پٽيندس : نينگري جي امڙ

منهنجي ڌيءَ سان وڏو ظلم ٿيو آهي، جوابدار کي سرعام ڦاهي ڏني وڃي

ڪراچي (م ڊ) فاطمه ڦرڙو ڪيس ۾ نامزد عورت جوابدار حنا شاهه عرف سونيا شاهه کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب پرڏيهه فرار ٿيڻ جي ڪوشش دوران ڪيس ڪراچي هوائي اڏي تان گرفتار ڪيو ويو آهي. مقتول ٻارڙي فاطمه جي ماءُ چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

گذريل ڪجهه سالن دوران شهر ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۾ اضافو ٿيو آهي : برگيڊيئر (ر) حارث نواز

گاڏين جي سجاڳ سافٽ ويئر عملي جي صلاحيت کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا

منصوبي جي صوبائي پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ طرفان مڪمل منظوري ڏني وئي آهي

شهر ۾ 2 هزار 459 مخصوص هنڌن تي 12 هزار ڪئميرائون لڳايون وينديون : سنڌ جي نگران گهرو ۽ جيل وارو وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران گهرو ۽ جيل واري وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز چيو آهي ته گذريل ڪجهه سالن دوران شهر ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۾ اضافو ٿيو آهي جڏهن ته عوام اڳ ئي سخت معاشي مشڪلاتن جو شڪار آهي. هن اها ڳالهه اڄ سنڌ پوليس اسپيشل برانچ هيڊ ڪوارٽر جي دوري جي موقعي تي هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي چئي. آءِ جي پي سنڌ رفعت مختار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

زرتاج گل تي ترقياتي منصوبن ۾ ڪميشن وٺڻ جو الزام آهي : ترجمان اينٽي ڪرپشن

اڳوڻي مملڪتي وزير جي گرفتاري لاءِ خاص ٽيم جوڙي وئي آهي ، گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي

زرتاج گل ۽ سندس مڙس همايون اخوند خلاف ڪرپشن جي الزامن تي ڪيس داخل آهي

مختلف ترقياتي منصوبن ۾ 10 سيڪڙو ڪميشن ورتي، شهري زرتاج گل طرفان اسڪيمن ۾ گهپلن جي نشاندهي ڪئي هئي

لاهور (م د) اينٽي ڪرپشن جي ترجمان جو چوڻ آهي ته زرتاج گل تي ترقياتي منصوبن ۾ ڪميشن وٺڻ جو الزام آهي. اڳوڻي مملڪتي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پي ٽي آءِ اڳواڻ زرتاج گل (فائيل فوٽو)

ملتان ۾ عورت اوچتو فائرنگ ڪري ڏني، شادي تقريب جي وڊيو وائرل

وڊيو وائرل ٿي ته پوليس به حرڪت ۾ آئي

عورت کي ڳولي قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي : پوليس

ملتان (م ڊ) ملتان ۾ هاڙي چوڪ ويجهو شادي جي تقريب ۾ هڪ عورت اوچتو فائرنگ ڪري ڏني، وڊيو وائرل ٿي ته پوليس به حرڪت ۾ آئي ۽ بيان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

مذهبي انتها پسندي ۽ اقليتن خلاف تشدد ۾ ڀارت سرفهرست: رپورٽ

آزادي کان وٺي هينئر تائين 93,647 مسلم دشمن واقعن ۾ پنج کان وڌيڪ مسلمان شهيد ٿي چڪا آهن

1989 ۾ بهار، 2002 ۾ گجرات ۽ 2020 ۾ دهلي فسادن دوران هزارين مسلمانن کي شهيد ڪيو ويو

نئين دهلي (. د) سموري دنيا ۾ مذهبي بنيادن تي تشدد جي شڪار ماڻهن سان يڪجهتي جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو مذهبي انتها پسندي ۽ اقليتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

يوڪرائن جا روس تي ڊرون حملا، ماسڪو جا سمورا هوائي اڏا اُڏامن لاءِ بند

روس جي ايئر ڊيفينس ناڪام بڻائي ڇڏيو، پر ڊرون جو ملبو هڪ گهر تي ڪرڻ سبب ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا

ماسڪو جي ٽن وڏن ايئرپورٽس تي هر قسم جون اُڏامون معطل ڪيون ويون

ماسڪو (م ڊ) روس جي راڄڌاني ماسڪو جي سمورن هوائي اڏن کي اُڏامن جي اڄ وچ لاءِ بند ڪيو ويو آهي. پرڏيهي خبررسان اداري موجب، سومر جي ڏينهن ماسڪو تي يوڪرائن طرفان ڊرون حملا ڪيا ويا جنهن کي روس جي ايئر ڊيفينس ناڪام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جان محمد جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج، سي ايم هائوس آڏو ڌرڻي جو اعلان

سکر ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڊي آئي جي آفيس ٻاهران احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو

ڌرڻي ۾ ۾ مختلف سياسي، سماجي، مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن وڪيلن ۽ عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

شهيد جان محمد مهر جو قتل سنڌ جي مظلوم ۽ پٺتي پيل طبقي جي آواز جو قتل آهن : اڳواڻ

سکر: (رپورٽر) سکر ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن، سهولتڪارن ۽ سرپرستن جي گرفتاري لاءِ صحافي برادري جي سڏ تي ڊي آئي جي آفيس ٻاهران احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو، جنهن ۾ مختلف سياسي، سماجي، مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن وڪيلن ۽ عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڌرڻي دوران ايس ايس پي سکر کي جي آئي ٽي جي سربراهي تان هٽائڻ جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سکر: ڊي آءِ جي آفيس آڏو جان محمد جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

اتر ڪوريا ڪروز ميزائل جو هڪ ٻيو تجربو ڪري ورتو، تجربي تي آمريڪا جو سخت رد عمل

ڪراچي (م د) اتر ڪوريا ڪروز ميزائل جو هڪ ٻيو تجربو ڪري ورتو. اتر ڪوريا جي سرڪاري خبررو اداري موجب، اسٽريٽيجڪ ڪروز ميزائل جو تجربو اولهندي سمنڊ ڪناري ويجهو سامونڊي جهاز تان ڪيو ويو اتر ڪوريا جي سربراهه ڪم جونگ ان به ميزائل تجربي وقت اتي موجود هو ميڊيا رپورٽن موجب، ميزائل بابت وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي: انتظاميا جون دعوائون ڌوڙ، ٻه ٻارڙيون گٽر ۾ ڪري پيون

عبدالله ڳوٺ ۾ ٻه ٻارڙيون گٽر ۾ ڪري پيون، جن کي شهرين ڪڍي صاف پاڻي سان وهنجاريو

شهر ۾ گٽر ڍڪڻ لاءِ انتظاميا جون دعوائون ڌوڙ ٿي ويون

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي عبدالله ڳوٺ ۾ ٻه ٻارڙيون گٽر ۾ ڪري پيون، شهر ۾ گٽر ڍڪڻ لاءِ انتظاميا جون دعوائون ڌوڙ ٿي ويون، عبدالله ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

جيڪڏهن ڪو آفيسر غلط هوندو ته ان خلاف پاڻ ڪارروائي ڪندس : مبين جماڻي

ڪاتي جا آفيسر هر حال ۾ پاڻ کي محفوظ سمجهن ڇو ته جيڪو آفيسر صحيح ڪم ڪندو ان جي پٺي تي منهنجو هٿ هوندو

هن شهر کي عمارتن جي جهنگ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي : بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ ۽ بحالي وارو نگران صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ ۽ بحالي واري نگران صوبائي وزير محمد مبين جماڻي چيو آهي ته ڪاتي جا آفيسر هر حال ۾ پاڻ کي محفوظ سمجهن ڇو ته جيڪو آفيسر صحيح ڪم ڪندو ان جي پٺي تي منهنجو هٿ هوندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڏڙو ۾ صحافين ۽ سياسي اڳواڻن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

صحافي حافظ سعيدالله ميمڻ مٿان داخل ڪيل ڪوڙي ڪيس ۽ شهيد صحافي جان محمد مهرجا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

صحافي حافظ سعيدالله ميمڻ کي جهڪائڻ لاءِ پوليس طاقتور ترين جي اشاري تي مٿس پاڻي چوري جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي : اڳواڻ

نوٽيس وٺي صحافي جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي فورن گرفتار ڪري صحافين ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

ڏڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ صحافين ۽ سياسي اڳواڻن پاران سجاول جي سينيئر صحافي حافظ سعيد ميمڻ مٿان داخل ڪيل ڪوڙي ڪيس ۽ سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهرجا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڏڙو : صحافين پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سينٽرل ڪاميٽي جو ميمبر ڪامريڊ اختر دايو لاڏاڻو ڪري ويو

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سينٽرل ڪاميٽي جي ميمبر ڪامريڊ اختر دايو اڄ صبح جو ڪراچي جي مقامي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. اختر دايو جيري جي تڪليف سبب ڪيترن ڏينهن کان اسپتال داخل هيو اختر دايو پهنجي سموري شعري زندگي سنڌ جي قومي جمهوري تحريڪ سان واڳيل رهيو، پاڻ سنڌ جي مشهور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين جي ساموندي پٽي ۾ برساتن دوران ٿيل تباهي جي سنڌ حڪومت پاران اعلانيل رقم متاثرن کي ملي نه سگهي

حڪومت جي اعلانيل رقم هڪ سال گذرڻ باوجود ملي نه سگهي آهي سروري پڻ ڪيو ويو آهي پيهر اين آر ايس پي کان سروي ڪرائي پئي وڃي : متاثر

اهي من پسند ۽ بااثرن جا گهر لکن پيا اسان جا گهر سروي نه ٿا ڪن اسان ڪليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهيون، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي ساموندي پٽي ۾ گذريل سال جي برساتن دوران ٿيل تباهي جي سنڌ حڪومت پاران اعلانيل رقم متاثرن کي ملي نه سگهي آهي جنهن سبب متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ بي يارو مدد گارو ويٺل آهن سيرائي جي علائقي واسين ۽ سماجي اڳواڻن مشتاق ملاح يوسف ملاح عزيز خاصخيلي حاڪم علي حيدري محبوب ملاح اشرف ڪنيار امين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مانجهند جي تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن دوائن ۽ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج جاري

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي علي نواز ڪنڀر، محمد عمر ابڙو، محمد يوسف عمراڻي بابل لطيف ڪوسو زوار الطاف ميمڻ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

تعلقه اسپتال وڏي وقت کان سنڌ جي صحت کاتي جي بي ڌياني سبب علاج لاءِ ايندڙ مريضن لاءِ بي لاپ بڻيل آهي : اڳواڻ

ايمبولنسز گهٽ هجڻ سبب وڏن وڏن روڊ حادثن وقت زخمين کي حيدرآباد ڄامشورو ريفر ڪرڻ لاءِ به مشڪلاتون پيش اچن ٿيون

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن دوائن ۽ سهولتن جي کوٽ خلاف ايس يو پي ڪارڪنن جو هڙتالي ڏينهن به احتجاجي مظاهرو مين گيٽ آڏو ٽنهن اس ۾ 3 ڪلاڪ ڌرڻو نعريبازي. تفصيل موجب مانجهند تعلقه اسپتال ۾ وڏي عرصي کان ڊاڪٽرن، دوائن ۽ علاج جي بنيادي سهولت جي کوٽ خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي علي نواز ڪنڀر، محمد عمر ابڙو،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مانجهند : تعلقه اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دعوت اسلامي جو قافلو سالن کان هلندو پيو اچي : محمد ذوالقرنين عطاري

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) دعوت اسلامي حيدرآباد ڊويزن جي نگران محمد ذوالقرنين عطاري ۽ ٽنڊو محمد خان ڊسٽرڪٽ ميڊيا ڊپارٽمينٽ جي ميڊيا ڊپارٽمينٽ پروگرام تحت ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب پهچي دعوت نامون پيش ڪيو هنن سيني ميڊيا سان لاڳاپيل دوستن کي تاريخ 2 سيپٽمبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو محمد خان پرسان ڳوٺ راڄو نظاماڻي ۾ ميڊيڪل ڪيمپ قائم

ٽي بي جا سيمپلس وٺي چڪاس ڪرڻ سميت ايڪسري ڪري مريضن کي ميڊيڪل مشورا ڏنا ويا

ڊبليو ايڇ او جي ڊاڪٽر سلمان، پي ايم اي جي جنرل سيڪريٽري محمد علي ميمڻ ۽ ٻين چڪاس ڪئي

علائقي جي هزارين ماڻهن جو مفت طبي چڪاس ڪري مفت دوائون مهيا ڪيون ويون

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي يونين ڪائونسل راڄو نظاماڻي جي چيئرمين سلطان نظاماڻي، منير نظاماڻي، عبدالسلام نظاماڻي پاران پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيشن جي تعاون سان ڳوٺ راڄو نظاماڻي ۾ ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ هيپاٽائيٽس جي ٽيسٽ ۽ ويڪسينيشن ڪئي وئي ۽ ٽي بي جا سيمپلس وٺي چڪاس ڪرڻ سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

گهارو پرسان ڳوٺ حاجي ڪرمي جوکيو ۾ پورهيت ڪينسر جي بيماري ۾ مبتلا

پورهيت محمد اقبال جوکيو گٽڪو کائڻ سبب وات جي ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي چڪو

سندس گهرواري پڻ بيمار آهي جيڪا پهريان ئي معذوري واري زندگيءَ گذاري رهي آهي : سڄاڻ ڏريون

علاج ڪرائڻ لاءِ مدد ڪئي وڃي ته جيئڻ صحتياب ٿي ٻچڙن سان خوشحالي واري زندگيءَ گذاري سگهي

گهارو(رپورٽ بشام جوکيو) گهارو پرسان ڳوٺ حاجي ڪرمي جوکيو وارڊ نمبر 1 جي رهواسي محمد اقبال جوکيو ولد حاجي قادر بخش جوکيو هڪ ڪينسر جي بيماري ۾ مبتلا آهي. محمد اقبال جوکيو هڪ مزدور آهي جيڪو ڪجھ وقت پهريان/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽو : ميڊيڪ ٽيسٽ لاءِ شاگردن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ لاءِ فزيڪل ماڪ ٽيسٽ ورتي وئي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ميڊيڪ ٽيسٽ لاءِ شاگردن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ۾ MTSپاران پري ميڊيڪل شاگردن جو تجرباتي بنيادن تي سٽيٿن فزيڪل ماڪ ٽيسٽ ورتي وئي، تجرباتي بنيادن تي سٽيٿن فزيڪل سيلف اسيسمينٽ ٽيسٽ ميڊيڪل ٽيسٽنگ سروس (MTS)پاران ايور لش بئنڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گهارو : ڪينسر ۾ مبتلا پورهيت ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

صحت مند سماج جي قيام لاءِ راندين جون سرگرميون انتهائي ضروري آهن : ميئر سکر

ميونسپل ڪارپوريشن هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي ته هو صحت مند سماج جي قيام سميت راندين جون سرگرميون جاري رکن

المهراڻ ڪلچرل هال ۾ اوپن جشن آزادي تائيڪوانڊو چيمپيئن شپ جي تقريب کي خاص مهمان طور ڪيو

نثار احمد چانڊيو، ڊاڪٽر سعيد احمد اعوان، پروفيسر عطاءُالله سميجو سيني ٽيم کي مبارڪباد ڏني ۽ 2 لک رپيا ڏيڻ جو اعلان ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ميئر بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو آهي ته صحت مند سماج جي قيام لاءِ راندين جون سرگرميون انتهائي ضروري آهن. سکر ميونسپل ڪارپوريشن هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي ته هو صحت مند سماج جي قيام سميت راندين جون سرگرميون جاري رکن. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه سکر ڊويزن تائيڪوانڊو ايسوسيئيشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو ۾ هيومين رائيٽس فورم پاران شهيد فاطمه ڦرڙو سان انصاف لاءِ احتجاجي مظاهرو

سماجي تنظيم جي اڳواڻن ممتاز پنهور، حسينه لغاري، مجيب پنهور، فاروق جتوئي، آصف جمالي، مختيار جتوئي ۽ ٻين ڌرڻو هنيو

پهرين ميڊيڪل جي رپورٽ اچي وئي آهي جنهن ۾ معصوم ٻارڙي فاطمه سان ڄالت جي تصديق ڪئي وئي آهي : مظاهرين

معصوم پري فاطمه سان جنسي زيادتي ۽ قتل ڪندڙ جوابدارن کي عبرتناڪ سزا ڏئي سندس وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو هيومين رائيٽس فورم آف پاڪستان پاران شهيد فاطمه ڦرڙو سان انصاف لاءِ احتجاج ۾ دادو جي سياسي، سماجي ڌرين جي شرڪت،ٻارڙن سان جنسي زيادتي جي واقعن خلاف دادو ۾ سماجي تنظيم جي سڏ تي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري قاتلن خلاف سخت نعريبازي ڪئي مظاهرين مارچ ڪري ڌرڻو هنيو .سماجي تنظيم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

جان محمد مهر سان محبت ۽ احترام جو رشتو رهيو آهي، قتل جي خبر پوندي ئي انتهائي ڏک ٿيو : ڪميل حيدر شاهه

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه وفد سان گڏ سکر جي سينيئر شهيد صحافي جان محمد مهرجي گهر پهچي سندس گهرڀاتين ۽ ٻين سوگوارن سان تعزيت ڪئي ۽ شهيد جان محمد مهرجي درجات جي بلندي لاءِ دعا ڪئي. ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته شهيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

دادو : راڻيپور واقعي خلاف ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز ضلعي اڪائونٽس آفيس ۾ هڪ کليل ڪچهري منعقد

ضلعي اڪائونٽس آفيسر امجد مغل، ايڊيشنل اڪائونٽنٽ اڪبر چانڊيو ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

رٽائرڊ ملازمن جون لسٽون تيار ڪري سمورن ملازمن کي ادائيگي ڪئي وڃي : ڪنسلٽنٽ انچارج

ضلعي اڪائونٽس آفيسر امجد مغل، ايڊيشنل اڪائونٽنٽ اڪبر چانڊيو ۽ ٻين آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ)صوبائي محتسب سنڌ اعجاز احمد خان ۽ اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ جي هدايتن تي ريجنل محتسب آفيس نوشهرو فيروز جي ڪنسلٽنٽ انچارج احمد بخش گهمرو جي صدارت هيٺ ضلعي اڪائونٽس آفيس نوشهروفيروز ۾ هڪ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي. ان موقعي تي هن ملازمن ۽ پينشنرز جون شڪايتون ٻڌيون. شڪايتن ۾ ايل پي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

راڻيپور واقعي سنڌ جي ماڻهن جو جيءُ جهوري وڌو آهي : تحريڪ لبيڪ جا اڳواڻ

فاطمه تي جن به ظلم ڪيو آهي انهن سيني ظالمن کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي

تحريڪ لبيڪ پاڪستان فاطمه جي خون سان انصاف تائين جدوجهد جاري رکندي

خانواهڻ(رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) تحريڪ لبيڪ پاڪستان جو وفد فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت ڪرڻ جي لاءِ خانواهڻ پهچي ويو، وفد ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلع خيرپور ميرس ڊويزن سکر ۽ تعلقه سوڀوديرو جا اڳواڻ شامل هئا. تحريڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهرو فيروز جي وڪيلن پاران پيپلز اسڪول جي پرنسپال خلاف احتجاج

استاد جي ٽيسٽ وٺڻ باوجود ٻارن جي داخلا ۾ ڪرپشن جو ڪاروبار موجود آهي : مظاهرين

بااثر کي بدلي ڪري بيروزگار پرنسپال مقرر ڪري اسڪول ۽ ٻارن جو مستقبل بچايو وڃي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ضلعي بار ايسوسيئيشن نوشهرو فيروزجي وڪيلن پيپلز اسڪول نوشهروفيروز جي پرنسپال خلاف احتجاج ڪيو. نوشهروفيروز ضلعي بار جي وڪيلن پيپلز اسڪول نوشهروفيروزجي پرنسپال سرفراز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز : وڪيلن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽون ديرو ۾ هٿيار بندن جي حملي ۾ پوليس اهلڪار شهيد

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ شهيد وسيم جروار کي گولي لڳي جنهن ۾ هو فوت ٿي ويو

جنازه نماز ۾ ايس ايس پي لاڙڪاڻو ڊاڪٽر محمد عمران خان ۽ ٻين شرڪت ڪئي

نٺون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) ڪجھ ڏينهن اڳ نٺون ۽ ديروسٽي ۾ ديوٽي ڏئي پنهنجي گهر موٽندڙ شهيد وسيم جروار تي ميرواهه لڳ ڦورن پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

خانواهڻ ۾ اڳوڻي ايم اين اي ابرار علي شاهه پاران فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت

جن به معصوم نياڻيءَ سان ظلم ڪيو آهي انهن کي سزا ملندي : ابرار علي شاهه

واقعي ۾ جيڪي به ملوث هوندا پلي پوءِ اهي ڪيڏا به بااثر ڇو نه هجن، انصاف ٿيندو

خانواهڻ(رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) پ پ جي اڳوڻي ايم اين اي ميرآف هالا ٽي سيد ابرار علي شاهه هڪ دفعو ٻيهر فاطمه ڦرڙو جي وارثن وٽ پهچي ڪين پ پ چيئرمن بلال ڀٽو زرداري، فريال ٽالپر سميت آصف علي زرداري پاران پيغام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ننڊو شهر ۾ مختلف ڀاڻ جي دڪانن تي ڇاپن جو سلسلو جاري

ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن امتياز علي ڀٽو ۽ ٻين ڇاپا هنيا

ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ڪرڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي : امتياز علي ڀٽو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ضلعي انتظاميه پاران ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ کي روڪڻ لاءِ اڄ به بدين ۽ ننڊو شهر ۾ مختلف ڀاڻ جي دڪانن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بدين : ڀاڻ جي دڪانن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن

نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ ڪوڙو شريف جي رهواسين پاران احتجاج

بااثرن گهرن ۾ گهڙي ڪري هٿيارن جي زور تي اسان جي مٿان تشدد ڪيو آهي : مظاهرين

اسان کي انصاف ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ پنهنجو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙيداسين

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ڳوٺ ڪوڙو شريف جا رهواسي حامد سولنگي ولد حاجي محمد عرس سولنگي عورتن ۽ ننڍڙن ٻارن سان گڏ نيشنل پريس ڪلب تي پهچي ميڊيا کي ٻڌايو ته امتياز سولنگي محمد خان سولنگي عرفان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

جان محمد سوسائٽي پرسان اسڪول ۾ جشن آزادي جو ڏهاڙو ملهايو ويو

شاگردن نعت شريف، تقريرون، ملي نغمه، قومي گيت، ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪيا

اسڪولي ٻارڙن ۾ ٽرافين گولڊ مڊل جا انعام طور ڏئي مٺائي تقسيم ڪئي وئي

جان محمد سوسائٽي(غلام رسول مهر)جان محمد سوسائٽي پرسان ڳوٺ فوجي محمد اقبال آرائين ۾ سنڌ ايجوڪشن فائونڊيشن جي سهڪار سان هلندڙ ادارو الرحمان ايليمينٽري ماڊل اسڪول ۾ 14 آگسٽ جشن آزادي جو ڏهاڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

جان محمد سوسائٽي : جشن آزادي جي تقريب دوران اسڪولي ٻارڙا ويٺل آهن

خانواهڻ پرسان فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت جاري

امير جماعت اسلامي مولانا سراج الحق ڳوٺ علي محمد ڦرڙو پهچي ويو

فاطمه جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي سزا ڏيارڻ تائين جدوجهد جاري رکبي : سراج الحق

خانواهڻ(رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) راڻيپور ۾ بيدردي سان تشدد ڪري قتل ڪيل خانواهڻ پرسان ڳوٺ علي محمد ڦرڙو جي رهواسڻ فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت ڪرڻ لاءِ امير جماعت اسلامي مولانا سراج الحق ڳوٺ علي محمد ڦرڙو پهچي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

”سبق پڪو ڇو نه ڪري آيو آهين“ ڏيپارجا ۾ ماستر جو شاگرد تي وحشياڻو تشدد

استاد امير علي مري منهنجي معصوم نينگر تي وحشياڻو تشدد ڪيو آهي : وارث

استاد امير علي مري خلاف رپورٽ داخل ڪرائڻ وڃي رهيا آهيون، انصاف ڏياريو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ”سبق پڪو ڇو نه ڪري آيو آهين“ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڏيپارجا جي استاد جو ڇهين درجي جي شاگرد 7 ورهين جي معصوم دل محمد ملاح تي وحشياڻو تشدد. نينگر جي والد جو چوڻ آهي ته استاد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي ۾ ورڪنگ جرنلسٽ جي مان ۾ پ پ شهيد ڀٽو پاران آجياڻو

تقريب ۾ صحافين شفقت نوناري، فياض چانڊيو، علي محمد ڀٽو، عامر سپرو ۽ ٻين جي شرڪت

صحافي لاقانونيت ظلم خلاف پنهنجي قلم جي ذريعي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهن ٿا : اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ورڪنگ جرنلسٽ جي مان ۾ پ پ شهيد ڀٽو سنڌ جي چيف آرگنائيزر صلاح الدين چاچڙ طرفان گلزار هجري توڪل گارڊن تي آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ سندس سان پ پ شهيد ڀٽو جا اڳواڻ محمد علي ميرجت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي : آجياڻي واري تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

ايس ايس پي سکر کي هٽائڻ لاءِ سنڌ جا صحافي سراپا احتجاج بڻجي ويا، احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

سکر شهري اڳواڻ مولانا عبيدالله ابن آزاد ڀٽو، غلام حسين چانگ، فقير عنايت ٻرڙو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

شهيد صحافت جان محمد مهر جي سمورن قاتلن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪيو وڃي : مظاهرين

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري ۽ ايس ايس پي سکر کي هٽائڻ لاءِ سنڌ جا صحافي سراپا احتجاج، ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، ميرپور خاص، نواب شاهه ڊويزن جي مختلف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

خانواهڻ ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ سرينا عدنان ۽ صوبائي جنرل سيڪريٽري ڪنول اعجاز پاران فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) پي ٽي آءِ صوبائي ليڊيز ونگ صدر سرينا عدنان ۽ صوبائي جنرل سيڪريٽري ڪنول اعجاز پي ٽي آءِ تعلقه سوڀوديرو صدر ايڊووڪيٽ الطاف علي پاڳٽ خانواهڻ پرسان ڳوٺ علي محمد ڦرڙو ۾ بيگناهه قتل ٿيل نياڻي فاطمه ڦرڙو جي والد نديم ڦرڙو ۽ امڙ سان تعزيت ڪئي ۽ واقعي جي سخت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪي اين شاهه ۾ ڳوٺ الله اوڀايو سوڊر جي رهواسين پاران احتجاج

بااثرن پاران زمين تي قبضي ڪرڻ لاءِ ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن : ڳوٺاڻا

جوابدارن خلاف قانوني قدم کڻي داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

خيرپورناٿن شاهه(رپورٽر برڪت علي چانڊيو) بااثرن پاران زمين تي قبضي ڪرڻ لاءِ موٽمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، جوابدارن مان خطرو آهي، سندن خلاف قانوني قدم کڻي داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي، نظيراحمد سوڊر، سڌير احمد سوڊر ۽ ٻين پائرن جي پريس ڪانفرنس، خبرموجب خيرپورناٿن شاهه جي ڳوٺ الله اوڀايو سوڊر جي رهواسين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز ۾ گندگي ۽ ڪرپشن خلاف وڪيل برادري پاران عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ، احتجاج

وڪيل برادري پاران سيشن ڪورٽ کان ڊي سي آفيس تي ريلي ڪڍي ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو، سخت نعريبازي

ڊي سي آفيس ڪرپشن جو ڳڙهه بڻجي وئي آهي ڊي سي سميت ڪو به آفيسر پنهنجي آفيس ۾ ويهڻ لاءِ تيار نه آهن : مظاهرين

رشوت جا پيسا نه ملڻ تي آفيسر ڪو به جائز ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن، ڪامورن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز شهر ۾ وڌندڙ گندگي ۽ ڪرپشن خلاف وڪيل برادري پاران عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪري سيشن ڪورٽ کان ڊي سي آفيس تي ريلي ڪڍي ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر عبدالستار لهراڻي، جنرل سيڪريٽري شرڪت علي پوهيو، محمد يونس راڄپر، عبدالقادر خانزادا، شڪيل جوکيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز : وڪيلن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ پوليس ڊسپينسري ۾ رت ڏيڻ جي ڪئمپ قائم، پوليس جوانن ۽ ڪجھ خانگي ماڻهن پاران ڪئمپ تي پهچي رت جو عطيو ڏنو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو جي هدايتن تي هر سال فاطميد فائونڊيشن حيدرآباد پاران ٿيلسميا ۽ هيموفليا جي مرض ۾ مبتلا ٻارڙن کي رت ڏيڻ لاءِ پوليس هيڊ ڪوارٽر جي پوليس ڊسپينسري ۾ رت ڏيڻ جي ڪئمپ قائم ڪئي وئي ان موقعي تي پوليس جوانن ۽ ڪجھ خانگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سنڌ ۾ وڏي عرصي کان ڦرلٽ جو راڄ مسلط آهي : سراج الحق

صحافي جان محمد مهر ۽ راڻيپور ۾ معصوم نينگري فاطمه جو قتل به ان ئي ڏاڙيل راڄ جو نتيجو آهي

شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس وارو مامرو سينيٽ ۽ چئني صوبن ۾ اٿاريو ويندو

معصوم نينگري فاطمه جي وارثن سان ملاقات ڪندس، مون کي راڻي پور وڃڻ کان روڪيو پيو وڃي

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) جماعت اسلامي جي مرڪزي امير سراج الحق چيو آهي ته سنڌ ۾ وڏي عرصي کان ڦرلٽ جو راڄ مسلط آهي سکر ۾ صحافي جان محمد مهر ۽ راڻيپور ۾ معصوم نينگري فاطمه جو قتل به ان ئي ڏاڙيل راڄ جو نتيجو آهي اهڙو اظهار هن سکر جي ڊي آءِ جي آفيس آڏو سکر ۾ سينيئر صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف ڌرڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نياڻي فاطمه ۽ صحافي جان محمد مهر جي قاتلن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي : نويد قمر

ملڪ جي صدر کي پنهنجي صحيح واري بيان ۾ پاڻ تضاد پيدا ڪيو آهي، سندس صحيح نه هئي ته ان بابت ڪيس پاڻ آگاهي ڏيڻ گهرجي ها

ڪو به موقف ظاهر نه ڪري صحيح واري بل کي قانوني حيثيت ٿيڻ ڪانپوءِ سندس الڳ موقف ظاهر ڪرڻ جو هاڻي جواز تضاد پيدا ڪيو آهي

جنرل ضياءُالحق 11 سال جي ڊگهي مدي تائين ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي، آمر صدر جنرل پرويز مشرف 8 سال آمريت قائم ڪئي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) اڳوڻي وفاقي وزير سيد نويد قمر چيو آهي ته ملڪ جي صدر کي پنهنجي صحيح واري بيان ۾ پاڻ تضاد پيدا ڪيو آهي، سندس صحيح نه هئي ته ان بابت ڪيس پاڻ آگاهي ڏيڻ گهرجي ها ۽ پرهن اهڙو ڪو به /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊو محمد خان : اڳوڻو وفاقي وزير سيد نويد قمر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سکر جي نئون ڳوٺ ۾ ترقياتي ڪم شروع، ترقياتي ڪم مسئلا حل ٿيڻ بدران خراب ٿي ويا

سکر (بيورو رپورٽ) نئون ڳوٺ ۾ ترقياتي ڪم شروع، ترقياتي ڪم مسئلا حل ٿيڻ بدران خراب ٿي ويا، ٺيڪيدار پاران ناقص ميٽيريل استعمال ڪرڻ جو انڪشاف. نئون ڳوٺ روڊ ڪم سبب عام ٽريفڪ لاءِ بند ٿي ويو، علائقي جا رهواسي، دڪاندار سخت ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن. شهري ۽ سماجي حلقن ۾ ڳڻتي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڏاهلي ۾ سرڪاري زمين تي قبضي خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاج

ڪمشنر جي حڪم جي پيچڪڙي، سرڪاري زمين آباد ڪري گس بند ڪيا ويا

هٿيارن جي زور تي اسان کي حراسان ڪيو پيو وڃي : مظاهرين جون دانهون

غير قانوني قبضو ڪندڙ خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ملي، ڏاهلي ۾ سرڪاري زمين تي قبضي خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج، روينيو بورڊ سميت ڊويزنل ڪمشنر جي حڪم جي پيچڪڙي، سرڪاري زمين آباد ڪري گس بند ڪيا ويا، هٿيارن جي زور تي اسان کي حراسان ڪيو پيو وڃي، ڪنهن به وقت خونريزي جو خدشو آهي، اعلى اختياريون نوٽيس وٺي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ڳوٺ ڪرانگهڙو جا رهواسي خبر موجب تعلقه ڏاهلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين جي سمورن فرٽيلائزرن جي مينيجرن، ڊيلرن ۽ آبادگارن سان اهم گڏجاڻي منعقد

ڪوشش آهي ته ڀاڻ جي کوٽ ختم ڪري بليڪ مارڪيٽنگ کي روڪي سگهجي : ڊپٽي ڪمشنر

سيائي کان آبادگارن کي ڀاڻ ڏيڻ شروع ڪن ڀاڻ نه ڏيڻ جي صورت ۾ انهن جي گودامن تي ڇاپا هنيا ويندا

اسان پنهنجن آبادگار ڀائرن کي ڊيلرن جي بليڪ مارڪيٽنگ جي رحم و ڪرم تي نه ٿا ڇڏي سگهون

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان دربار هال ۾ ضلعي بدين جي سمورن فرٽيلائزرن جي مينيجرن، ڊيلرن ۽ آبادگارن سان اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر بدين ڀاڻ جي کوٽ ۽ بليڪ مارڪيٽنگ جي روڪٿام لاءِ فوجي فرٽيلائزر، اينگرو ۽ فاطمه فرٽيلائزر جي مينيجرن کي هدايتون ڏينديچيو ته هر ضلعي بدين کي ڀاڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

جهڏو ۾ پريمي جوڙي پاران تحفظ لاءِ احتجاج، اسان جي پيار پرڻي بعد مائٽ دشمن بڻجي ويا آهن : جوڙو

جهڏو(رپورٽ) جهڏو پرسان ڳوٺ پنهون ريباري 20 سالہ صوبيه ڌيءُ سهراب ٿهيم جهڏو جي رهواسي 21 سالہ لکو ولد نور محمد ٿهيم ميرپورخاص جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪيو ان موقعي تي ناري صوبيه ٿهيم ڏانهيندي چيو ته پسند جو پرڻو ڪرڻ کان پوءِ سندس مائٽ گل، حنيف، صدام، گل، اسحاق،هرجن ۽ ٻيا جان جا دشمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين : ڊپٽي ڪمشنر گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي

دادو پريس ڪلب جي صحافين پاران احتجاج، نعريبازي

بااثر هٿيار ڪڻي اسان جي گهرن مٿان فائرنگ ڪري حراسان ڪري رهيا آهن : مظاهرين

مون کي منهنجي چاچي کي قتل ڪيو ويندو ڌوهارين کي گرفتار ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

جوابدارن وڏي ڀاءُ صحافي شهيد محمد عظيم لغاري کي به دادو شهر ۾ سرعام قتل ڪيو ويو هو

دادو(ن سنڌيار) دادو پريس ڪلب جي صحافي شهيد عظيم لغاري جي ڀاءُ صحافي سڄڻ لغاري، غازي لغاري، سخي لغاري ۽ ٻين دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري بااثرن خلاف سخت نعريبازي ڪئي. صحافي سڄڻ لغاري، عيسيٰ لغاري ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته اسان جي مخالفن وڏيرو حبيب لغاري، سندس پٽن سڪندر، منير عرف منو لغاري سندن چاڙتا امتياز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 23 آگسٽ 2023ع

وحشي پڻو ۽ درندگي ته بنهه ننڍڙا لفظ آهن!

وحشي پڻو ۽ درندگي ته بنهه ننڍڙا لفظ آهن. لغت ۾ ڪو اهڙو لفظ ئي نٿو سُجهي، جيڪو راڻيپور جي راڻي ڏيءُ فاطمه سان ٿيل قهر لاءِ استعمال ڪري سگهجي. تاريخ ۾ سنڌ جي سڃاڻپ ته سانت ۽ سڪون واري ساڻيهه واري رهي آهي، هي ديس ماضيءَ ۾ آدمخورن جي آماجگاهه رهيو ئي ناهي، پر هاڻي سنڌ جو جيڪو تعارف جڙندو پيو وڃي، اهو سڀ ڪجهه سچل جي سنيهي ۽ ڀٽائيءَ جي پيغام جي ابتڙ آهي. ان سوال تي هن وقت نتا ڳالهايون ته سنڌ ۾ ڪيترين گاديون يا تڪيا آهن، جتان صوفياڻو پيغام ۽ فيض خلق تائين پهچي رهيو آهي؟ ۽ ڪيترن گادي نشينن راڻيپور جي پيراڻي حويليءَ ۾ ٿيل ان قهر تي چپ چوريا آهن، جتي نياڻي فاطمه ڦٿڪي ڦٿڪي پساهه پورا ڪيا. جنهن جي قبر ڪشائيءَ بعد ميڊيڪل بورڊ جي رپورٽ ۾ مظلوم نياڻيءَ سان جنسي ڏاڍائي، بدفعلي ۽ جسماني تشدد جي تصديق ڪئي وئي آهي. قبرڪشائي ڪري ورتل جزا ڄامشورو لمس ليبارٽري ۽ ڪراچي فرانزڪ ليبارٽري ڏانهن موڪليا ويا آهن. مک جوابدار پوليس جي تحويل ۾ آهي. پوليس ايم ايس سميت 6 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. حويليءَ ۾ سرچ آپريشن دوران 5 کان 7 سالن جون 4 نياڻيون هٿ آيون آهن.

سنڌ ۾ صدين کان روحانيت جو ورڪر ورهائجندو پيو اچي، پران سوچ ۽ فڪر تي اهي گادي ڏٺي پاڻ ڪيئن ٿا عمل ڪن. ان جو اندازو اڪثر گادين جي وارثيءَ/ گادي نشينيءَ تان هلندڙ تڪرار، نذراني جي رقم تان ٿيل جهيڙن توڙي مريدن تي تشدد ۽ عورتن سان زيادتين وارين وقت بوقت رپورٽ ٿيندڙ خبرن مان لڳائي سگهجي ٿو. امن جو پيغام عام ڪندڙ گادين ۽ تڪين جي اڪثر گادي نشينن جي حويلين ۾ تشدد جو سِڪو هلي ٿو. جنهن جو اندازو راڻيپور جي پيراڻي حويليءَ مان ٿي وڃي ٿو. جتان بعد ۾ سرچ آپريشن جي ذريعي چئن نياڻين کي هٿ ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي موجب، انهن کي قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد وارثن جي حوالي ڪيو ويندو. جڏهن پوليس حويلي جي سرچ آپريشن جو فيصلو ڪيو هو ته ان وقت ئي ان جو اعلان پڻ ڪيو ويو. جيڪا ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي. پوليس اڳواٽ اعلان ذريعي حويلي ڌڻين کي چوڪس ڪري ڇڏيو. هيڏي ساري حويلي ۾ ڇا اهي ئي 4 معصوم نياڻيون ڪم ڪنديون هيون؟ ۽ پوليس کي اڳواٽ اعلان جي آخر ضرورت ڇو پيش آئي؟ اهو سوال پڻ عام لوڪن جي دل ۾ هُري رهيو آهي.

جي جان جي امان ملي ته هڪ سوال پڇڻ جي جسارت ڪريون ته سنڌ جي ڪيترن گادي نشينن راڻيپور حويلي ۾ ٿيل قهر جي مذمت ڪئي آهي؟ اسان وٽ الميو اهو آهي ته هتي جيڪي روحاني اقليم جا بادشاهه آهن، اهي ئي انتظامي بادشاهي پڻ ماڻيندا رهيا آهن. ايوانن مان به انهن جي آواز جا پڙاڏا اچن ٿا. روحانيت ۽ سياست جا ٻئي گدرا انهن جي مُٺ ۾ آهن، ان ڪري جن ماڻهن سان ظلم ٿئي ٿو، انهن جي داد رسي نٿي ٿئي. بهرحال وري به ان سڄي ڪيس ۾ پوليس جي برجستن آفيسرن جي ڪوشش کي نه ساراهڻ به بخل هوندو، جن انتهائي مستعديءَ سان ڪيس کي درست رخ ۾ وٺي وڃڻ جي جستجو ڪئي، البته انهن سمورين ڪوششن جو محرڪ عوام جو دٻاءُ ۽ پوليس کي فري هينڊ ملڻ پڻ آهي. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته پوليس ڪاتي ۾ سياسي مداخلت ختم ڪري پوليس کي فري هينڊ ڏنو وڃي ته جيئن پوليس بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري سگهي.

سنڌ جي سرڪاري ليبارٽرين جا حال سڀني کان ساريا پيا آهن. جتان سچائي کي سِڪ رائج الوقت آڏار خريد ڪرڻ ڪو ايترو مشڪل نه آهي. ليبارٽرين وارا سياسي اثر قبول ڪري وٺندا آهن. ڪيڏو نه سٺو ٿئي ها جو نياڻي فاطمه جي قبر ڪشائي بعد ورتل جزا ۽ حويليءَ جي ماڻهن جا ڊي اين اي ٽيسٽ لاءِ ورتل نمونا ڪنهن اهڙي اداري/ليبارٽرين کي موڪليا وڃن ها، جتي جديد ٽيڪنالاجي ميسر آهي. پروري به اسان بهتري جي لاءِ پُراميد آهيون ۽ اها اميد ڪريون ٿا ته مظلوم نياڻيءَ جي خون سان انصاف ڪيو ويندو. سنڌ جي شعور جي به اها فتح آهي، جنهن سنڌ جي قبيلائي اٽت ۽ پيري مريديءَ واري محڪوم سماج ۾ مظلوم نياڻيءَ سان ٿيل قهر تي احتجاج ذريعي پرپور آواز اٿاري روايتن جا پنجوڙ ٽوڙيا، پر اها ذميواري اتي ئي ختم ڪانه ٿي ٿئي، ان ڪيس کي توڙ تائين پهچائڻو پوندو.

صدارتي محل جي بحران جو انت استعيفا تي ٿيندو؟

ايم بي سومرو

"مان الله کي گواهه بڻائي چوان ٿو ته مون آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بل تي صحي نه ڪئي آهي، ڇو ته مان انهن قانونن سان متفق نه هئس. مون پنهنجي عملي کي چيو هو ته انهن بلن کي وقت جي اندر بغير صحي جي واپس موڪليو وڃي ته جيئن انهن کي غير موثر بڻائي سگهجي. مون عملي کان ڪيترائي ڀيرا تصديق به ڪئي ته ڇا اهي بل بغير صحي جي واپس وڃي چڪا آهن؟ مون کي يقين ڏياريو ويو ته بلن کي بنا صحي جي واپس ڪيو ويو آهي، پر مون کي اڄ معلوم ٿيو آهي ته منهنجو عملو منهنجي مرضي ۽ حڪم خلاف ويو آهي. الله سڀ ڄاڻي ٿو اهو انشاءَ الله معاف ڪري ڇڏيندو پر مان انهن ماڻهن کان معافي گهران ٿو جيڪي هنن بلن کان متاثر ٿيندا". هي بيان رياست جي سربراهه يعني صدر پاڪستان ڊاڪٽر عارف علوي جو آهي، جيڪو بيان هن 21 آگسٽ 2023 واري ڏينهن ڏنو آهي. منجهند ۾ وڳي ڌاري صدر پاران جاري ڪيل اهو بيان ڏسندي ڏسندي پاڪستان سوڌو دنيا جي ميڊيا ۾ هڪ وڏي خبر طور اڀري سامهون اچي ويو. ڏسجي ته صدر جي بيان جو متن ئي اهڙو هو جنهن تي ٽرٽلو مچڻو ئي هو ڇو ته صدر ڊاڪٽر عارف علوي پنهنجي ماتحت عملي تي حڪم عدولي ڪري آرمي ايڪٽ 1952 ۾ ترميم جي بل 2023 ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ 1923 ۾ ترميم جي بل 2023 کي صدر جي منشا ۽ هدايتن خلاف قانون بڻائي ڇڏڻ جو الزام لڳائي ڇڏيو آهي، ڇو ته مٿيان ٻئي بل فورسز بابت آهن. ان ڪري به صدر جي بيان مان اهو تاثر وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته رياست پاڪستان جي سربراهه کان ماتحت بيوروڪريسي وڌيڪ طاقتور آهي. ظاهر آهي اهو تاثر ملڪ لاءِ دنيا ۾ ڪو سٺو تاثر نه پر بدناميءَ جو سبب ئي ٿيو آهي، جنهن بدناميءَ جا سبب صدر پاڪستان جي بيان پيدا ڪيا آهن. ڏسجي ته هي ڪو عام نوعيت جو معاملو نه آهي. اهو هڪ سنگين نوعيت جو مسئلو آهي، ان ڪري ان معاملي جو تفصيل سان جائزو وٺڻ ضروري آهي.

آئين جي آرٽيڪل 75 ۾ چيو ويو آهي ته، "جڏهن ڪو بل صدر کي موڪليو ويندو ته صدر ڏهن ڏينهن اندر بل جي منظوري ڏيندو يا بل کي پنهنجي پيغام سان گڏ واپس اماڻي ڇڏيندو ته بل تي ٻيهر غور ڪيو وڃي ۽ جڏهن صدر پاران ڪو بل واپس موڪليو ويندو ته گڏيل پارليامينٽ ان تي غور ڪندي. گڏيل پارليامينٽ صدر پاران موڪليل بل کي ترميم سان گڏ يا بنا ترميم جي منظور ڪري واپس موڪلي ته صدر ان تي ڏهن ڏينهن ۾ صحي نه ڪري ته اهو بل پاڻ هرتو قانون ٿي ويندو".

مٿي ڏنل آئين جي آرٽيڪل 75 کي ڏٺو وڃي ته بلن جي منظوري جي حوالي سان صدر وٽ آئيني طور تي رڳو ٻه رستا مليل آهن. هڪ ته موڪليل بل کي ڏهن ڏينهن اندر منظور ڪري يا وري گڏيل پارليامينٽ کي واپس موڪلي ڇڏي پر صدر آرمي ايڪٽ ۾ ترميم ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۾ ترميم جي بلن جي نه ڏهن ڏينهن اندر منظوري ڏني، نه ئي انهن کي واپس موڪليو مطلب ته صدر آئين ۾ ڏنل پنهنجي طريقن مان ڪو به هڪ طريقو به اختيار نه ڪيو ان صورت ۾ وزارتِ قانون موجب، اهي ٻئي بل قانون بڻجي ويا آهن، جنهن جو گزيٽ نوٽيفڪيشن به جاري ٿي ويو آهي. آرمي ايڪٽ ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۾ ترميم جي قانون بڻجڻ بابت گزيٽ نوٽيفڪيشن 18 آگسٽ تي جاري ٿي ويا آهن. صدر انهن بلن بابت 20 آگسٽ تي منجهند ڌاري بيان جاري ڪيو آهي. حيرت ته ان ڳالهه تي به آهي ته 19 آگسٽ تي سمورن ٽي وي چينلن تي ڄاڻايل بلن جي صدر پاران منظوري ڏئي ڇڏڻ واريون خبرون سڄو ڏينهن هلنديون رهيون پر صدر پاران انهن جي ڪا به ترديد نه ڪئي وئي. جڏهن ڇنڇر ۽ آچر جي وچواري رات جو آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت شاهه محمود قريشي ۽ عمران خان تي ڪيس داخل ٿيو ۽ اطلاعن موجب، پي ٽي آءِ وارن صدر سان سخت ناراضگي ظاهر ڪئي ته صدر ان بعد انهن بلن بابت پنهنجي ٽوئيٽر تي بيان جاري ڪيو. سوال هي آهي ته آئين صدر کي اماڻيل بلن تي ڏهن ڏينهن ۾ صحي ڪرڻ يا واپس موڪلڻ جا رستا فراهم ڪري ٿو ته صدر پاڻ بيان ۾ تصديق ڪئي آهي ته ان انهن ٻنهي بلن تي صحي نه ڪئي آهي. ان بعد صدر کي پنهنجي تجويزن سان گڏ انهن بلن کي واپس موڪلڻ گهرجي ها. بقول صدر، انهن بلن کي بنا صحي ڪرڻ جي واپس موڪلڻ جون هڪ کان وڌيڪ ڀيرا هدايتون جاري ڪيون. سوال هي آهي ته اگر صدر اهڙيون هدايتون جاري ڪرڻ سان گڏ بلن تي اعتراض به لکي عملي کي ڏنا هئا؟ اگر ان اعتراض لکي ڏنا هئا ته هو انهن جو عڪس بيان وانگر پنهنجي ٽوئيٽر اڪائونٽ تي رکي ته هڪ ته معاملو چٽو ٿي ويندو ۽ ٻنهي بلن جي قانون ٿيڻ اڳيان سنجيده رڪاوٽون پيدا ٿي وينديون ۽ پوءِ صدر جي بيان جي صداقت به واضح ٿي ويندي. باقي اگر صدر رڳو زباني ڪلامي بل واپس موڪلڻ جي هدايت ڪئي آهي ته پوءِ صدر کي اهو معلوم هوندو ته بلن تي اعتراض ان کي لکت ۾ واري موڪلڻا آهن. بنا لکت ۾ تجويزن جي ته بل واپس ڪرڻ جو آئين ۾ ذڪر ۽ رستو ئي نه آهي. سوال هي به آهي ته اگر صدر بلن جي منظوري بابت مليل ٻئي رستا هو اختيار نه ڪري ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ ان بابت آئين خاموش آهي. ان ڪري هي معاملو تشريح لاءِ فٽ ڪيس آهي. اگر اهو معاملو سپريم ڪورٽ وٽ تشريح لاءِ وڃي ٿو ته اهو به واضح ٿي ويندو ته ڇا صدر آئين ۾ بلن جي منظوري لاءِ مليل ٻئي رستا اختيار نٿو ڪري ته ڇا آئين ڪرڻ جو ڪيس اختيار آهي يا آئين ڪري صدر آئين جي خلاف ورزي جو مرتڪب ٿيو آهي؟ اگر اهو معاملو سپريم ڪورٽ تشريح لاءِ ويو ته اهو معاملو به واضح ٿي ويندو ته صدر مٿي ڄاڻايل ٻنهي بلن کي واپس ڪرڻ لاءِ لکت ۾ اعتراض يا سفارشون عملي کي ڏنيون هيون يا نه؛ آئين ان ماهري جا وڏا اثر به ٿي سگهن ٿا، جن جو شڪار ايوان صدر جو لاڳاپيل عملو به ٿي سگهي ٿو ته صدر پاڻ به گهيري ۾ اچي سگهي ٿو خيرجڏهن ان ماهري تي عدالت ۾ بڌائي ٿئي پر في الحال ته ايوان صدر وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽري کي خط لکي صدر جي سيڪريٽري وقار احمد کي جون خدمتون اسٽيبلشمينٽ کي واپس ڪري ڇڏيون آهن ۽ ان جي جاءِ تي گريڊ 22 جي وفاقي سيڪريٽري حميرا احمد کي مقرر ڪرڻ لاءِ به چٺي ڇڏيو آهي. چون ٿا ته اڃان وڌيڪ عملي جا ٻيا آفيسر به ايوان صدر مان هٽڻ جو امڪان آهي.

جڏهن کان صدر بلن بابت بيان ڏنو آهي. تڏهن کان اهي افواهون به سوشل ميڊيا جي زينت بڻجي رهيون آهن ته صدر جي استعيفا ڏيڻ جو امڪان آهي. صدر ڊاڪٽر عارف علوي کي 9 سيپٽمبر 2023 تي پنج سالن جو عرصو مڪمل ٿي ويندو پر قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبليون نه هجڻ جو فائدو صدر ڊاڪٽر عارف علوي کي اهو ٿي رهيو آهي، جو هو رٽائر ٿيڻ باوجود ان وقت تائين صدر رهندو، جيستائين قومي اسيمبلي، صوبائي اسيمبليون چونڊجي نئيون اچن ۽ نئين صدر جي چونڊ نٿي ٿئي. باقي اگر صدر جي استعيفائن واريون افواهون سچ ثابت ٿين ٿيون ته بلوچستان جا وارا نيارا ٿي ويندا، ڇو ته نگران وزيراعظم جو تعلق بلوچستان سان آهي، صدر جي استعيفا سان قائم مقام صدر به بلوچستان سان تعلق رکندڙ صادق سنجراڻي ٿي ويندو پر اها صورتحال صادق سنجراڻي لاءِ خطرناڪ به ٿي سگهي ٿي، ڇو ته اگر صادق سنجراڻي سينيٽ چيئرمين طور قائم مقام صدر ٿيو ته ان خلاف پي پي پي، ن ليگ ۽ ٻين پارٽيون عدم اعتماد جي رٿ آڻي ڪو نئون چيئرمين سينيٽ چونڊرائي سگهن ٿا ۽ اگر ائين ٿئي ٿو ۽ مارچ تائين ملڪ اندر عام چونڊون نه ٿي سگهيون ته سينيٽ به غير فعال ٿي ويندو ۽ سينيٽ چيئرمين نه هجڻ ڪري قائم مقام صدر قومي اسيمبلي جي اسپيڪر طور راجه پرويز اشرف ٿي سگهي ٿو.

آخر ۾ اوهان کي اهو ٻڌائيندو هلان ته عمران خان کي رليف ڏيارڻ لاءِ ان جي اڳوڻي گهرواري جمائما خان طرفان عالمي عدالت سان رجوع ڪرڻ بابت ڳالهيون سامهون آيون هيون. ائين ڪرڻ سان مونکي معلوم ناهي ته عمران خان کي ڪيترو فائدو ملندو پر اهو عمل ملڪي اندروني ماهرن ۾ غيرملڪين کي مداخلت جا سبب پيدا ڪري ڏيڻ ٿي سگهي ٿو دنيا جي ڪنهن به ملڪ جي اندروني ماهرن ۾ عالمي عدالت ڪڏهن مداخلت ڪئي هجي، اهڙو ڪو مثال مونکي ياد نٿو پوي پر صدر جي بلن بابت بيان کي عالمي سطح تائين مليل ڪوريج بعد ان ماهري کي به عالمي عدالت ۾ وڃڻ واري بيان سان جوڙي بحث هيٺ آندو پيو وڃي ته بلن واري ماهري تي صدر جو بيان ڪٿي ان حوالي طور ته پيش نه ڪيو ويندو ته صدر رياست جو سربراهه آهي، ان جي ماتحت به نٿا ٻڌن، ته ان صورت ۾ عمران خان کي انصاف ڪيئن ملي سگهندو! مونکي معلوم نه آهي ته ان طرح جا بحث چوٽي رهيا آهن پر اهو ضرور معلوم آهي ته پيدا ٿيندڙ حالتون سياسي منظر نامي کي چٽو نه ڪري رهيون آهن.

ڪوٺي ڪُهي سُپرين، ڪوٺي ڪُهڻَ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪرِ م پاڻُ؛
ڇُلُ، وڃائي ڄاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

سنڌ ۾ قلم ڪارن جو قتل عام جاري

خاصخيلي لطيف راولاٽي

تاريخ جي صفحن تي نظر ڊوڙائيندا سين ته اسان کي انيڪ واقعا ملندا جن ۾ صحافت جي پيشي سان لاڳاپيل ليکڪن ۽ دانشورن کي ئي نشانو بڻائي ڪين سرعام قتل ڪيو ويو آهي انهن جو ڏوهه صرف اهو هوندو آهي جو اهي صحافي معاشري ۾ ٿيندڙ نااانصافين مظلم جبر ڏاڍ جي خلاف لکن ٿا ۽ صحافت کي سچو پيشو سمجهي حقيقت ۽ سچائي بيان ڪن ٿا جيڪا مخالف ڌر کي نه وڻندي ۽ ان جو ردعمل اهي ان صحافي کي رستي تان هٽائي پوءِ سک جو ساهه کڻن ٿا تاريخ جي صفحن تي اهڙا ڪافي ڪونڌر ڪسجي ويا پر هنن ڪڏهن به ڪنڌ نه جهڪايوءِ نه ئي ڪڏهن پاڻ کي وڪري ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون مشهور ليکڪ نسيم کرل جيڪو ليکڪ سان گڏ پنهنجي علائقي جو چڱو مڙس به هو سندس لکڻين تي ڪجهه ماڻهن کي اعتراض هو ته هو وڏيرن ۽ ملن جي خلاف لکي ٿو ان ڪري ان کي رستي تان هٽائڻ ۾ اهي اڳواڻ سرگرم ٿي ويا هي معاشرو اڃان انهي پراڻي مدي خارج ريتن رسمن پويان آهي شان ڌر کان وٺي موجوده قتل تائين سوين صحافي قتل ٿي چڪا آهن جيڪا صحافت جي سچي تاريخ مرتب ٿي رهي آهي صحافت ۾ ته سچ لکڻ وڏو ڏوهه ٿي ويو آهي ڪنهن جي ڪاري ڪرتوتن ۽ ڏوهن تي لکي ڪونه ٿو سگهجي ڪرپشن به انهي کي اڏوهي وانگر ڪائي رهي آهي اڪثر ڏٺو ويو آهي ته اسان جا ليکڪ نثر بدران شاعري ۾ انهي جبر ڏاڍ خلاف لکن ٿا جيڪا صرف ڪتابن ۾ رهجي ويندي آهي انهي جو سدباب ان ڳالهه ۾ آهي جيستائين اهو طبقاتي اڻ برابري وارو سماج ختم ڪونه ٿو ٿئي تيستائين ائين ٿيندو رهندو سماج کي تبديل ڪرڻ لاءِ نظام کي نئين سر اڏڻ جي ضرورت آهي جيڪو وڏي رتوڇاڻ ڪان پوءِ ٿي ٿيندو تيستائين ان سماج ۾ ائين ئي ڪونڌر حق سچ جي راهه تي ڪسجندا رهندا ۽ تاريخ جي صفحن تي امر ٿيندا رهنداهڪ سچي ۽ کري صحافي لاءِ هي سفر تمام اٽانگو آهي پرپوءِ به ڪافي صحافي انهي رستي تي هلندا رهن ٿا ۽ سدائين غير يقيني واري ڪيفيت ۾ هوندا آهن ته ڪڏهن نه ڪڏهن ڪات هيٺان ڪنڌ اچڻو آهي موجوده دور جنهن کي جديد دور ڪمپيوٽر جو دور چيو وڃي ٿو ۽ وڏي واڪي اعلان به ٿين ٿا ته اوهان ڳالهايو اوهان آزاد آهيو اوهان جي خيالن تي پهرا ڪونه آهن پر حقيقت ان جي ابتڙ ٿي نظر اچي ٿي اوهان جو قلم اڃان تائين آزاد ڪونهي اوهان کي حڪومتي انتظامي پاليسي تحت لکڻو پوي ٿو قلم کي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آهي قبل مسيح کان رومن جي تاريخ آ ڪر موڙيو وحشت دهشت قتل غاري اڃان به جاري آهيصحافي جان محمد مهر جي قتل جا پيرا ڪيڏانهن به وڃن پلي ان کي خانداني ۽ ذاتي دشمني ڏانهن رخ موڙيو وڃي پر هي هڪ بيباڪ صحافي هو جنهن معاشري ۾ ٿيندڙ نا انصافين بيواجبين کي وائکو ڪيو هن قبائلي جاگيرداري سسٽم جي خلاف پنهنجو قلم استعمال ڪيو هن کي ٽي اين نيوز چئنل کي مختلف تحقيقي رپورٽون ناهي ڏنيون ڌاڙيل ڪلچر کي عوام آڏو پيش ڪري ڪين سندن ڪرتوتن کي ميڊيا جي اڳيان نمايان ڪيو اهي سيئي محرڪات سندس قتل جو سبب بڻيا اڃان تحقيق جاري آهي ته سندس قتل ۾ سڌو سنئون ڪير ملوث آهن رت رائيگان نه ويندو آهي هڪ نه هڪ ڏينهن ظلم جي اها ڪاري رات ختم ٿيندي نيٺ ته ٿيندو..

بقايا 01 ***

تي ڏني آهي. 7 جولاءِ تي پشاور هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس مسرت هلالي سپريم ڪورٽ جي جج طور حلف کنيو هو. جنهن کانپوءِ جسٽس محمد ابراهيم خان کي قائم مقام چيف جسٽس مقرر ڪيو ويو هو.

بقايا 02 ***

آءِ ايس پي آر موجب، دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ پاڪ فوج جي 6 جوانن شهادت ماڻي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته علائقي ۾ دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي. آءِ ايس پي آر جو وڌيڪ چوڻ هو ته پاڪ فوج دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پر عزم آهي ۽ اسان جا بهادر سپاهين جون اهڙيون قربانيون اسان جي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون.

بقايا 03 ***

ڪورٽ رمضان شگر مل ڪيس ۾ ضمانت رد ڪرڻ جي درخواست واپس وٺڻ جي بنياد تي خارج ڪري ڇڏي. ٻڌڻي دوران نيب پراسيڪيوٽر عدالت کي اپيل ڪئي ته مريم نواز جو ڪيس نيب ترميمن کانپوءِ ٻڌڻي جوڳو ناهي رهيو، تنهن ڪري درخواست خارج ڪرڻ بدران اڪلائي ڇڏيو چيف جسٽس عمر عطا بنديال نيب پراسيڪيوٽر کان پڇيو ته درخواست اڪلائيندا سين ته توهان کي پسند ايندو؟پوءِ عدالت ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز خلاف نيب درخواست خارج ڪندي ڪيس اڪلائي ڇڏيو

بقايا 04 ***

۾ اڳوڻو آمريڪي صدر ٽرمپ خميس جي ڏينهن پاڻ کي جيل اختيارين جي حوالي ڪري ڇڏيندو پرڏيهي خابرو اداري موجب، صدارتي چونڊن جا چونڊ نتيجا بدلائڻ واري ڪيس ۾ عدالت ۾ پهرين حاضري کان اڳ اڳوڻي آمريڪي صدر ۽ 18 شريڪ جوابدارن کي پاڻ کي تحويل ۾ ڏيڻو آهي. ان ڏس ۾ سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ ڊونلڊ ٽرمپ جي وڪيل به ڪيس گرفتار ڪيو ويندو ميڊيا رپورٽس موجب، اليڪشن ۾ رنڊڪ وجهڻ واري ڪيس ۾ اڳوڻي صدر ٽرمپ جي 2 لک ڊالر ۾ ضمانت ٿيندي جنهن تي اڻلاٽا ۾ الزام لاڳو ٿيڻ تي آمريڪا جي اڳوڻي صدر کي روڪ رقم جمع ڪرائڻي پوندي. انڪانسواءِ ڊونلڊ ٽرمپ وڌيڪ ڪن ڪيسن کي منهن ڏئي رهيو آهي.

بقايا 05 ***

وزير کان دهشتگردي جي واقعن جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪندي انهن واقعن ۾ ملوث قاتلن کي فوري گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ اڳوڻي صوبائي وزير سعيد غني پرامن سياسي ڪارڪنن جي قتل کي ڪراچي جي امن لاءِ خطرو ۽ پرامن چونڊن کي سبوتاز ڪرڻ جي سازش قرار ڏنو آهي. ان موقعي تي نگران وڏي وزير پيپلز پارٽي جي اڳواڻن کي قاتلن جي گرفتاري جو يقين ڏياريو ۽ ڪين جاچ ۾ اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو. نگران وڏي وزير وفد کي يقين ڏياريو ته ڪراچي ۾ امن امان کي هر صورت ۾ برقرار رکيو ويندو.

بقايا 06 ***

طرفان صدر کي موڪليل فائل واپس ئي نه آيا. جڏهن ته ڊاڪٽر عارف علوي آچر تي منجهند هڪ لڳي 45 منٽن تي بل جي منظوري بابت خدشن تي ٻڌل ٽوئيٽ ڪيو ٽوئيٽ کانپوءِ ايوان صدر جي "انٽرنل ونگ" ٻئي قانون شام 5 وڳي وزيراعظم آفيس موڪليا، جڏهن ته ان کان اڳ صدر پنهنجي چيمبر مان ٻئي بل بند لفافي ۾ وزيراعظم آفيس کي موڪليا. واضح رهي ته وقار احمد صدر عارف علوي کي خط لکي جبري طور هٽائڻ ۽ الزامن تي خدشن جو اظهار ڪيو هو.

بقايا 07 ***

شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪارونجهر جي نيلامي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاجي مظاهري کي اي جي پي صدر سيد لال شاهه ايس ايس او صدر گلاب راءِ ايس اي ٽي صدر ادي نظير قريشي خطاب ڪندي چيو ته ڪارونجهر اسان جو تاريخي ۽ ثقافتي ورثو آهي جنهن جي نيلامي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي. هنن چيو ته سنڌ جي قدرتي وسيلن کي نيلام ڪرڻ جي سازش بند ڪئي وڃي ڪارونجهر جي ڪٽائي بند ڪري ان کي بين الاقوامي تاريخي ماڳ جو درجو ڏنو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌي عوام جي گڏيل جدوجهد جي ذريعي سنڌ جي تاريخي ماڳن کي بچايو ويندو ۽ ان جي خلاف ٿيندڙ سازش کي ناڪام بڻايو ويندو.

بقايا 08 ***

آهي. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته 29 جولاءِ کان 3 آگسٽ تائين مداخلت جي ڪوشش ۾ 6 پارٽي سمگلر گرفتار ڪيا ويا، پارٽي شهري منشيات ۽ هٿيارن جي سمگلنگ ۾ ملوث آهن. آءِ ايس پي آر موجب، گرفتار ڪيل پارٽي شهرين ۾ فيروزپور جو رهواسي گرميج سنگهه، شندر سنگهه، جَڳندر سنگهه ۽ وشال سنگهه شامل آهن. جڏهن ته جالنڌر جي مهيندر سنگهه ۽ لڌيانا سان واسطو رکندڙ گر وندر سنگهه کي به گرفتار ڪيو ويو آهي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته گرفتار سمگلرن خلاف پاڪستان ۾ غير قانوني داخلاءِ رياست مخالف سرگرمين تي پاڪستاني قانونن موجب ڪارروائي ٿيندي. آءِ ايس پي آر موجب، پارٽي سمگلرن جي بي ايس ايف جي نگرانيءَ هيٺ سرحد تان بنا رنڊڪ چرپر حيران ڪندڙ آهي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته اميد ته بي ايس ايف بارڊر تي نگرانيءَ جي نظام اثرائتو بڻائي سمگلرن سان گٺ جوڙ ختم ڪندي.

بقايا 09 ***

جي ٻڌڻي ٿي. پنهنجي جواب ۾ نيب چيو آهي ته جوابدارن خلاف اختيارن جي ناجائز استعمال جو ريفرنس داخل ڪيو ويو. ان جا ثبوت آهن ته جوابدارن 2013 کان 2015 دوران اختيارن جو غلط استعمال ڪيو نيب جو چوڻ آهي ته شرجيل ميمڻ جي پنهنجي ۽ بي نامي ماڻهن جي ٽالي تي ناهيل غير قانوني اثاثن جي لسٽ به پيش ڪئي ٻئي وڃي. ريفرنس ۾ ڪنهن به ذاتي مفاد جو ذڪر ناهي، جواب ۾ چيو ويو آهي ته شرجيل ميمڻ خلاف آمدني کان وڌيڪ اثاثا ناهڻ جو ريفرنس به داخل ڪيو ويو آهي. جوابدار اختيارن جي ناجائز استعمال ۾ مڪمل طور ملوث آهن نيب استدعا ڪئي ته شرجيل ميمڻ جي درخواست قابل سماعت نه آهي. شرجيل ميمڻ درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ته جوابدارن کي ڪيترو ذاتي فائدو حاصل ٿيو اهو انفرادي طور ٻڌايو وڃي. عدالت جاچ آفيسر جي غير حاضري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي پڇائو ڪيو ته جاچ آفيسر ڪٿي آهي؟ نيب پراسيڪيوٽر چيو ته جاچ آفيسر لاهور ويو هو. ان ڪري پيش نه ٿي سگهيو عدالت ريمارڪس ڏنا ته ڇا لاهور لنڊن ۾ آهي ته جاچ آفيسر پيش نٿو ٿي سگهي. جاچ آفيسر کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو وڃي عدالت ريفرنس جي وڌيڪ ٻڌڻي 8 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. عدالت شرجيل ميمڻ جي وڪيلن کي نيب جي جواب جو جائزو وٺڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا 10 ***

ڪيل حميرا احمد صدر جي سيڪريٽري بڻجڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو قومي ورثي واري وزارت جي سيڪريٽري حميرا احمد سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ کي پنهنجي خدشن کان آگاهه ڪري ڇڏيو ۽ موقف اختيار ڪيو ته موجوده حالتن ۾ اهڙو ڪو عهدو نٿي رکي سگهان. ڪنهن تڪراري عمل جو حصو نٿي بڻجڻ چاهيان. حميرا احمد جي معذرت کانپوءِ نگران حڪومت ٻئي آپشن تي غور شروع ڪري ڇڏيو ۽ 22هين گريڊ جي ٽن آفيسرن جا نالا اليڪشن ڪميشن ۽ صدر کي موڪلڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اليڪشن ڪميشن جي منظوري کانپوءِ آفيسرن جو پئنل صدر کي موڪليو ويندو. جن مان عارف علوي ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪري سگهندو ۽ پوءِ اليڪشن ڪميشن مقرري جي منظوري ڏيندي. ذريعن موجب نگران حڪومت وٽ اليڪشن ڪميشن جي منظوري بنا مقرري ۽ بدلي جو ڪو اختيار ناهي.

بقايا 11 ***

واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ويو وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ جڙانوالا واقعي جي سخت مذمت ڪئي وئي ۽ چيو ويو آهي ته ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت ناهي. ڪابينا اجلاس ۾ بٽگرام چيئر لفٽ ريسڪيو آپريشن بابت به بريفنگ ڏني وئي. ذريعن موجب ڪابينا هلندڙ مالي سال جي ديت جي رقم جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي.

بقايا 12 ***

شاگردن جي ڪاميابي 52.12 سيڪڙو رهي. مجموعي طور تي امتحانن ۾ هڪ لک 97 هزار 505 شاگرد ۽ شاگرديائيون شريڪ ٿيا. هڪ لک 2 هزار 934 اميدوار پاس ٿيا.

بقايا 13 ***

جي ڪاتن ۾ خامين کي ختم ۽ خدمتن جي فراهمي کي بهتر ڪيو وڃي ۽ ان مقصد لاءِ اي رجسٽريشن سسٽم متعارف ڪيو وڃي ته جيئن شهرين کي خدمتن جي فراهمي ۾ سهولت ۾ ملي ۽ وقت جي بچت پڻ ٿي سگهي. محمد يونس ڏاگا آفيسرن کي چيو ته شهرين کي بهترين خدمتن جي فراهمي اسان جو مقصد آهي ۽ ان مقصد لاءِ سمورين ڪوششن استعمال آڻيون وڃن. اجلاس ۾ بورڊ آف روينيو سنڌ جي آفيسرن نگران صوبائي وزير کي پنهنجي شعبن جي باري ۾ تفصيلي بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ بقاءُ الله انڙ، ميمبر آر ايس اينڊ اي پي وسيم شمشاد، سيڪريٽري لينڊ روينيو، ميمبر ڳوٺ آباد اسڪيم، آئي جي رجسٽريشن ۽ ٻين سينيئر آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 14 ***

ضمانت منظور ڪري ورتي. جڏهن ته علي وزير کي 14 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي اڏيالا جيل موڪلي ڇڏيو اسلام آباد جي جڊيشل مئجسٽريٽ ايمان مزاري ۽ علي وزير خلاف ترنول ٿاڻي ۾ داخل ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، جنهن ۾ عدالت ايمان مزاري جي ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. پوليس علي وزير کي ٻن ڏينهن جي جسماني رمانڊ کانپوءِ عدالت ۾ پيش ڪيو. جڏهن ته ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر عاطف الرحمان علي وزير جي وڌيڪ جسماني رمانڊ جي اپيل ڪئي. پراسيڪيوٽر چيو ته علي وزير پوليس سان جاچ جي معاملي تي سهڪار نه پيو ڪري. جلسي ۾ مختلف سرڪاري ملڪيتن جي ڀڃ ڊاهه به ڪئي وئي. علي وزير وٽان ڪجهه ثبوت به برآمد ٿيا آهن. عدالت ايمان مزاري جي ضمانت جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪيو. جيڪو ڪجهه دير کانپوءِ ٻڌائيندي 30 هزار رپين جي ضمانتي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪري ورتي. جڏهن ته علي وزير کي 14 ڏينهن جي جڊيشل رمانڊ تي اڏيالا جيل موڪلي ڇڏيو

بقايا 15 ***

داخلا جي اجازت ڏني وئي. بشريٰ بي بي قانوني ٽيم سان گڏ تحريڪ انصاف جي چيئرمين سان ملڻ ڊسٽرڪٽ جيل پهتي ته پوليس سندس گاڏي کي روڪيو پي ٽي آءِ جي ليگل ٽيم جي پوليس سان ڳالهين بعد بشريٰ بي بي کي اجازت ملي. بشريٰ بي بي تقريبن هڪ ڪلاڪ تائين ملاقات ڪئي ۽ پوءِ واپس رواني ٿي وئي. بشريٰ بي بي ان کان اڳ عمران خان سان به ملاقاتون ڪري چڪي آهي ۽ هي سائفر ٽئين ملاقات هئي.

بقايا 16 ***

ته ڏکويل خاندان سان گڏ آهيون. واقعي تي مون کي دلي صدمو پهتو آهي. اسان توهان جي هر ممڪن مدد ڪنداسين ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي سراج الحق چيو ته فاطمه جو ٻڌي منهنجي لونءِ ڪانڊارجي وئي. جنت جي عورتن جي سردار جو نالو به فاطمه آهي. ٻارڙي هڪ حيوان جي گهر هئي، جنهن انسانيت ۽ معاشري جي غريب ماڻهن جو مذاق اڏايو هن چيو ته 10 ورهين جي ٻارڙي کي ملازمه طور رکڻ آئين جي آرٽيڪل 11 ۽ 37 جي خلاف آهي. والدين نيڪ گهر کي مقدس سمجهي ٻارڙي کي ڇڏيو. جيئن قصور ۾ زينب سان ظلم ڪندڙ کي ڦاهي ٿي، هن سان به ائين ٿيڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته مظلوم خاندان وٽ نه ڪو اڳوڻو وزير نه ڪو ايم پي اي آيو جن 40 سال سنڌ کي لُٽيو. انهن جي غريب جي ڌيءَ لاءِ ڪا همدردي ناهي. جماعت اسلامي توهان سان گڏ بيٺي آهي

بقايا 17 ***

۾ سياسي صورتحال ۽ عام چونڊن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. ذريعن جو چوڻ آهي ته ملاقات ۾ نوازشريف جي واپسي جي حوالي سان مسئلن تي به ڳالهيون ڪيون ويون. ذريعن موجب ملاقات ۾ سلمان شهباز ۽ حسن نواز به موجود هئا. ان کان اڳ لنڊن ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته صدر عارف علوي جيڪو بيان ڏنو آهي ان جي جاچ ٿيڻ گهرجي. شهباز شريف چيو ته شفاف جاچ ذريعي ڪير جو ڪيرءِ پاڻي جو پاڻي ٿيڻ گهرجي. صدرجيڪو بل چيڪ ڪندو آهي ان تي صحيحون به ڪندو آهي. صدر واري معاملي ۾ زباني طور تي ڳالهه ٻولهه نه ٿيڻ گهرجي.

بقايا 18 ***

طور تيار ڪيل مهاجر-6 کان ٻيڻ تي صلاحيت رکندڙ جديد ڊرون مهاجر-10 جي مهورت ڪئي وئي. جديد ڊرون ٻه هزار ڪلوميٽر آپريشنل رينج سان گڏ 24 ڪلاڪن تائين اڏام جي صلاحيت رکي ٿو. ايران جي سرڪاري ميڊيا موجب، ايراني ڊرون مهاجر-10 ٽي سئو ڪلوگرام تائين پي لوڊ کڻي وڃڻ جي صلاحيت رکي ٿو. ان موقعي تيتقريب کي خطاب ڪندي ايراني صدر ابراهيم رئيسي چيو آهي ته ايران خلاف اڳرائي ۾ ملوث هٿ ڪٽيون ويندو.

بقايا 19 ***

پاشا شيخ، چيئرمين سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن اقبال احمد ڏيٿو، ڊپٽي ڊائريڪٽر وزارت هيومن رائيٽس سنڌ علي اڪبر ابڙو، جميل احمد جوڻيجو هيومن رائٽس ڊپارٽمينٽ گورنمينٽ آف سنڌ ايگزيڪيوٽو ڪوآرڊينيٽر، ان کان علاوه احسن نواز ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڪشن پلان آن هيومن رائيٽس، انساني حقن واري وزارت، حڪومت پاڪستان، اطلاعات کاتي جا نمائندا، ڊپارٽمينٽ آف سوشل ويلفيئر، ڊپارٽمينٽ آف ليبر اينڊ مين پاور، جيل، تعليم کاتي صوبائي کاتي انساني حقن جي تنظيمن شرڪت ڪئي. اجلاس جي شرڪت ڪندڙن کي انساني حقن واري وزارت جي عملدارن پاران پاڪستان حڪومت پاران انساني حقن جي تحفظ، ايڪشن پلان ۽ انساني حقن جي تحفظ لاءِ کنيل قدمن بابت بريفنگ ڏني وئي. اجلاس ۾ ايڪشن پلان تي عملدرآمد لاءِ نيشنل ٽاسڪ فورس قائم ڪئي وئي، اهڙي طرح چئني صوبن ۾ صوبائي ٽاسڪ فورس قائم ڪئي وئي آهي. جڏهن ته 2017ع ۾ نيشنل پاليسي فريم ورڪ ناهيو ويو آهي. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن کي وڌيڪ ٻڌايو ويو ته انٽرفيٿ هارموني پاليسي 2020 تي عملدرآمد پنجاب ۾ ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ باقي صوبن ۾ به ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ساڳي ريت اقليتن جي حقن جي تحفظ، خاص ماڻهن جي حقن، جيل سڌارن ۽ آئين جي آرٽيڪل 25 اي تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن کي آگاهه ڪيو پيو وڃي. گم ٿيل ٻارن ۽ اغوا جي اثرائتي روڪٿام لاءِ پاڪستان سٽيزن پورٽل تي زينب الرٽ جاري ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح قيدين جي حقن لاءِ ليگل اينڊ جسٽس اٿارٽي ايڪٽ تي عملدرآمد ۽ اٿارٽي جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي. جنهن تحت سماج جي غريب ۽ ڪمزور طبقن کي فوجداري ڪيسن ۾ انصاف تائين پهچڻ لاءِ قانوني، مالي ۽ ٻئي مدد فراهم ڪئي ويندي. هن چيو ته انساني حقن جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ ۽ مفت قانوني مشوري لاءِ هيلپ لائن 1099 شروع ڪئي وئي آهي. مذهبي هم آهنگي سان لاڳاپيل هڪ ايڪشن پلان ناهڻ، خواجه سرائن ۽ عورتن جي حقن جي تحفظ لاءِ اثرائتا قدم کنيا ويا آهن. شرڪت ڪندڙن انساني حقن جي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ ان حوالي سان ميڊيا ذريعي موثر آگاهي مهم شروع ڪرڻ تي زور ڏنو

بقايا 20 ***

ڪيو ويو آهي. ايف آءِ اي ترجمان ٻڌايو ته جوابدار جي حوالگي انٽرپول اسلام آباد جي انٽرپول قطر سان ويجهي رابطي ڪاري سبب ممڪن ٿي. ايف آءِ اي اميگريشن جوابدار کي لاڳاپيل پوليس اختيارين حوالي ڪري ڇڏيو آهي ترجمان موجب جوابدار خلاف قتل جي قلمن تحت گجرات جي ٿاڻي ۾ ڪيس داخل هو. ايف آءِ اي اين سي بي انٽرپول پاڪستان جوابدار جي گرفتاري لاءِ ريڊ نوٽيس جاري ڪيو هو

بقايا 21 ***

آهي ته مان ڌيءَ جي قاتل کي ڦاسي تائين پهچائي ساهه پٽيندس. ڪجهه به ٿي وڃي ناهه نه ٿيندو. راڻي پور جي حويلي ۾ قتل ڪيل فاطمه جي ماءُ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي ڌيءَ سان وڏو ظلم ٿيو آهي. جوابدار کي سرعام ڦاهي ڏني وڃي. هن چيو ته ڪجهه به ٿي وڃي جوابدار سان ڪو ناهه نه ٿيندو. مان ان قاتل پير کي ڪڏهن به نه بخشيندس. ان قاتل کي ڦاهي تي پهچائي ساهه پٽيندس. سندس چوڻ هو ته هاڻ مون کي ڪو خوف نه پيو ٿئي، پلي مري وڃان ڪا پرواهه ناهي. ڌمڪيون مليون ته به پوئتي نه هٽنديس. ڪيس جي پيروي ڪندڙ وڪيل جا ڳنڀير الزامفاطما ڪيس جي پيروي ڪندڙ وڪيلن پاران ڪيترائي انڪشاف ڪيا ويا آهن. صحافين سان ڳالهائيندي هنن چرڪائيندڙ ڳالهيون ڪيون. هنن شڪ ڏيکاريو ته اسد شاهه ڊارڪ ويب جو ميمبر آهي ۽ وڊيوز فحش ويب سائيٽس تي وڪرو ڪيون ويون آهن. هنن ان کانسواءِ اهو به چيو ته ممڪن آهي ته ٻين ٻارڙين سان به حويلي ۾ ائين ٿيندو رهيو هجي. ڏسو هي وڊيو جنهن ۾ وڪيل ڳالهائي رهيا آهن.

بقايا 22 ***

کي به عهدي تان هٽائڻ لاءِ خط لکيو آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ٻئي مقررين سياسي بنيادن تي ٿيون. ياد رهي ته پنج جولاءِ تي وفاقي سرڪار ذڪاءُ اشرف جي سربراهي ۾ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي نئين مئنيجمينٽ ڪميٽي قائم ڪئي هئي، جنهن بعد وفاقي ڪابينا سمري سرڪوليشن ذريعي مئنيجمينٽ ڪميٽي جوڙڻ جي منظوري ڏني.

بقايا 23 ***

اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جي اسپيشل برانچ خادم حسين رند، ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ آصف اعجاز شيخ ۽ ڊائريڪٽر آءِ ٽي تبسم عباسي پڻ شرڪت ڪئي. نگران گهرو وزير چيو ته نگراني جي ڪيمرائن جي نظام جي فوري ضرورت آهي، ان حوالي سان سيف سٽي پروجيڪٽ شهر لاءِ ناگزير آهي هن وڌيڪ چيو ته CCTV "ڪئميرائون، هڪ ڪمانڊ ۽ ڪنٽرول سينٽر، گڏوگڏ چهري ۽ گاڏين جي سڃاڻپ سافٽ ويئر عملي جي صلاحيت کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ڊي آءِ جي ايس بي منصوبي بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته منصوبي جي صوبائي پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ طرفان مڪمل منظوري ڏني وئي آهي. هن چيو ته شهر ۾ 2 هزار 459 مخصوص هنڌن تي 12 هزار ڪئميرائون لڳايون وينديون. ڊي آءِ جي ايس بي صوبي ۾ پرڏيهين جي سيڪيورٽي بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سينٽرل پوليس آفيس (سي پي او) ۾ پرڏيهي شهرين خاص ڪري چيني شهرين جي ڊيٽا گڏ ڪرڻ ۽ ڪين سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ پرڏيهي سيڪيورٽي سيل ڪم ڪري رهيو آهي. ان جون شاخون ڪراچي جي سمورن ضلعي هيڊ ڪوارٽرن ۾ آهن. هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي ايئرپورٽ تي اسپيشل برانچ پاران هڪ فارن انفارميشن ڊيسڪ به قائم ڪئي وئي آهي ته جيئن چيني شهرين سميت سمورن پرڏيهي شهرين جي ڊيٽا جي رجسٽريشن ڪئي وڃي. گهرو وزير چيو ته اسان کي صوبي ۾ سي پيڪ ۽ نان سي پيڪ منصوبن تي ڪم ڪندڙ سمورن پرڏيهي شهرين خاص ڪري چيني شهرين جي سيڪيورٽي مضبوط ڪرڻي آهي. ان حوالي سان حڪومت جي زيرو ٽالرنس واري پاليسي تي عمل ڪيو پيو وڃي. نگران گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۾ تيزي سان ڦهلجندڙ منشيات جي استعمال خلاف فوري ڪارروائي ۽ منشيات فروشن خلاف گڏيل ڪريڪ ڊائون تي زور ڏنو هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته اسٽريٽ ڪرائمز خلاف زيرو ٽالرينس جي پاليسي سان ٺوس قدم کنيا وڃن. هن وڌيڪ زور ڏنو ته بين المذاهب هم آهنگي تي ڌيان ڏنو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته "پوليس کي مختلف برادرين سان ويجهو رابطو رکڻ گهرجي ۽ سماج ۾ بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي" ان کان اڳ گهرو وزير گهرو سيڪريٽري ۽ کاتي جي ٻين آفيسرن سان تعارفي اجلاس جي صدارت ڪئي. ته جيئن گهرو کاتي ۽ جيلن جي ڪارڪردگي کان واقفيت ملي سگهي.

بقايا 24 ***

جي گرفتاري لاءِ خاص ٽيم جوڙي وئي آهي. اينٽي ڪرپشن طرفان پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ اڳوڻي مملڪتي وزير زرتاج گل جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ اينٽي ڪرپشن زرتاج گل جي گرفتاري لاءِ ٽيم ناهي آهي. اينٽي ڪرپشن جو چوڻ آهي ته زرگاج گل ۽ سندس مڙس همايون اخوند خلاف ڪرپشن جي الزامن تي ڪيس داخل آهي. ٻنهي تي الزام آهي ته هنن مختلف ترقياتي منصوبن ۾ 10 سيڪڙو ڪميشن ورتي. شهري زرتاج گل طرفان اسڪيمن ۾ گهوٻين جي نشاندهي ڪئي هئي. ترجمان ٻڌايو ته اينٽي ڪرپشن ٽيم زرتاج گل جي گرفتاري لاءِ سندس رهائشگاهه تي ڇاپو هنيو. سندس گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي.

بقايا 25 ***

چيو ويو ته ان عورت کي گولي قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته عورگ گهٽي ۾ وڃي سرعام فائرنگ ڪري رهي آهي.

بقايا 26 ***

قاتل جلد گرفتار ڪيا ويا ته 26 آگسٽ تي سي ايم هائوس آڏو ڌرڻي جو اعلان رپورٽ موجب سينيئر صحافي، اينڪر پرسن ۽ تجزيه نگار شهيد جان محمد مهر جي قتل کي 9 ڏينهن گذرڻ باوجود سکر پوليس پاران اصل قاتل، سهولتڪارن ۽ سرپرستن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف صحافي برادري پاران ڊي آئي جي آفيس ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي ۾ صحافتي تنظيمن، سياسي، سماجي، مذهبي، شهري، وڪيل تنظيمن جي اڳواڻن مردن ۽ عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڌرڻي ۾ شريڪ اڳواڻن پي ايف يو جي جي مرڪزي فنانس سيڪريٽري لالا اسد پٺاڻ، اسسٽنٽ سيڪريٽري جنرل خالد کوکر، اقبال ملاح، غازي جهنڊير، نعمت کهڙو، احسان لاشاري، وحيد راڄپر، شهيد جان محمد مهر جي پاءُ ڪرم الله مهر، جماعت اسلامي جي سربراهه سراج الحق، جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو، شائسته ڪوسو، ڊاڪٽر عائشه ڌاريجو، قاضي ذوالفقار، عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ساجد مهيسر، ف ليگ اڳواڻ فقير عنايت ٻرڙو، پي ٽي آئي جي صفيه بلوچ سميت ٻين اڳواڻن چيو ته شهيد جان محمد مهر جو قتل سنڌ جي مظلوم ۽ پٺتي پيل طبقي جي آواز جو قتل آهي هنن چيو ته شهيد جان محمد هميشه پنهنجي قلم وسيلي مظلوم ماڻهن جو آواز بڻجي ڪين حق ڏياريا پر ايڏي وڏي شخصيت جو سنڌ جي ٽئين نمبر وڏي شهر سکر ۾ سرعام گوليون هڻي ان وقت قتل ڪيو ويو جڏهن پوري قوم ملڪ جي آزادي وارو ڏهاڙو ملهائي رهي هئي. هنن چيو ته 9 ڏينهن گذرڻ باوجود قاتل، سهولتڪار ۽ سرپرست سکر پوليس گرفتار ناهي ڪري سگهي سکر پوليس ڪيس ۾ نامزد فقط ٽن سهولتڪارن کي گرفتار ڪري عام ڪيس جيان هينڊل ڪري رهي آهي. هنن چيو ته شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جو جاچ آفيسر هڪ سب انسپيڪٽر حوالي ڪئي وئي آهي جيڪا جاچ گهٽ ۾ گهٽ ڊي ايس پي سطح جي آفيسر کان ڪرائڻ گهرجي ها هنن چيو ته ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ کي جي آئي ٽي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو جنهن تي بي اعتمادي جو اظهار ڪندي ڪيس جي آئي ٽي جي سربراهي تان هٽائڻ جو مطالبو ڪريون ٿا. ڌرڻي ۾ شريڪ اڳواڻ شهيد جان محمد مهر جا قاتل فوري طور تي گرفتار نه ڪرڻ جي صورت ۾ 26 آگسٽ تي وزيراعليٰ هائوس ڪراچي آڏو ڌرڻي جو اعلان پڻ ڪيو

بقايا 27 ***

خلاف تشدد وارن ملڪن جي فهرست ۾ ڀارت سرفهرست آهي. آزادي کان وٺي هن وقت تائين 93.647 مسلم دشمن واقعن ۾ پنج کان وڌيڪ مسلمان شهيد ٿي چڪا آهن 1989 ۾ بهار، 2002 ۾ گجرات ۽ 2020 ۾ دهلي فسادن دوران هزارين مسلمانن کي شهيد ڪيو ويو عيسائين خلاف ڇڙ ڏيارينڊڙ ڏوهه به هلندڙ سال جي پهرين ڇهه ماهي دوران چار سئو کان ٽپي ويا آهن. 1998 ۾ گجرات ۽ 2008 ۾ اڙيسا ۽ تازو مني پور فسادن ۾ هزارين عيسائي انتها پسندن هٿان حياتيون وڃائي چڪا آهن. اوپن ڊورز آرگنائيزيشن موجب، عيسائين خلاف تشدد جي واقعن ۾ ڀارت 2014 ۾ 28 هين نمبر کان 2022 ۾ 10 هين نمبر تي تي اچي چڪو آهي اين بي سي نيوز جو چوڻ آهي ته مودي ج اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ دلتن خلاف ڏوهن ۾ 66 سيڪڙو واڌ ٿي، نيشنل ڪرائيم رڪارڊ بيورو موجب، گذريل پنج ورهين دوران شيڊيول ڪاسٽ هندن خلاف اڍائي لک کان وڌيڪ نفرت جوڳا ڏوهه ٿيا. 2000 ۾ ڪرناٽڪا ۽ 2012 ۾ تامل ناڊو فسادن دوران هزارين دلت هندن کي مٿانهين ذات وارن هندن موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو 1984 ۾ جمون، 1969 ۾ گجرات ۽ 2000 ۾ چٽي سنگهه پورا وگوڙن دوران هزارين سکن جو قتلام ٿيو نيشنل ڪرائيم رڪارڊ بيورو موجب، ڀارت ۾ سراسري طور هر پنجين منٽ بعد مسلمان، ڏهن منٽن کانپوءِ دلتن ۽ ٻارنهن منٽن بعد عيسائين خلاف تشدد جو ڏوهه ٿئي ٿو عالمي خابرواداري، الجزيرا ۽ ٽي آر ٽي موجب، مودي سرڪار شهريت، ڳئون تحفظ، بلڊوزر پاليسي ۽ حجاب معاملي بابت قانونن ذريعي مسلمانن کي رياستي سطح تي نشانو بڻائي رهي آهي، بي جي پي حڪومت مذهب تبديلي قانون ذريعي عيسائين جڏهن ته هاري مخالف پاليسين ذريعي سکن تي ڄاڻي واڻي نشانو بڻائي رهي آهي.

بقايا 28 ***

بڻائي ڇڏيو پر ڊرون جو ملبو هڪ گهر تي ڪرڻ سبب به ڄڻا زخمي ٿي پيا. ميڊيا رپورٽن موجب، يوڪرائن طرفان ڊرون حملي کانپوءِ ماسڪو جي ٽن وڏن ايئرپورٽس تي هر قسم جون اڏامون معطل ڪيون ويون آهن اختيارين موجب. جن هوائي اڏن جو فلائيٽ آپريشن بند ڪيو ويو آهي انهن ۾ Vnukovo، Sheremetyevo ۽ Domodedovo شامل آهن.

بقايا 29 ***

. پر جيڪڏهن ڪو آفيسر غلط هوندو ته ان خلاف پاڻ ڪارروائي ڪندس. هن شهر کي عمارتن جي جهنگ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کي گهرجي ته آزاديءَ سان سموري سسٽم خلاف فوري ڪارروائي شروع ڪري. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي وزارت جو قلمدان سنڀالڻ بعد مڪاني ادارن واري ڪاتي پاران منعقد ڪيل تعارفي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري نجم احمد شاهه. اسپيشل سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، سيڪريٽري بورڊ نوروز عباسي، سمورين ڊولپمينٽ اٿارٽيز جي ڊائريڪٽر جنرلز، ايم ڊي واٽر بورڊ صلاح الدين ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سنڌ جي لوڪل گورنمينٽ جي سمورن ڪاتن جي آفيسرن نگران صوبائي وزير کي پنهنجي لاڳاپيل ڪاتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. مبين جمالي چيو ته مڪاني ادارن واري ڪاتي ۾ رائج سسٽم کي هر صورت ۾ ختم ڪيو وڃي. هن چيو ته مان ٻڌندو رهيو آهيان ته هن ڪاتي جي انتظام هيٺ ڊولپمينٽ اٿارٽيز ۾ ڪو سسٽم هلندڙ آهي يا هلندو آهي. مبين جمالي چيو ته ماضي ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو ان کي ماضي جو قصو بڻائڻ گهرجي. آفيسر پاڻ کي هر حال ۾ محفوظ سمجهن ڇو ته جيڪو آفيسر صحيح ڪم ڪندو ان جي پٺي تي منهنجو هٿ هوندو پر جيڪڏهن ڪو آفيسر غلط ڪم ڪندو ته ان خلاف پاڻ ايڪشن وٺندس. مبين جمالي چيو ته هاڻي ڪاتي جا آفيسر بنا ڪنهن خوف جي عوام جي خدمت لاءِ پاڻ کي پيش ڪن. سمورن آفيسرن کي گهرجي ته ماضي ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو ان کي ڇڏي رڳو قانون تي عمل ڪيو وڃي. مبين جمالي چيو ته مان پيشي جي لحاظ کان بلڊر آهيان ۽ هن ئي شهر ۾ رهندو آهيان. ان ڪري مون کي هر ڳالهه جي چڱيءَ ريت خبر آهي. مبين جمالي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي ڊي جي کي چيو ته هي شهر عمارتن جي جهنگ ۾ تبديل ٿي ويو آهي. مون کي خبر آهي ته ان سڀ پٺيان ڪير آهي ۽ ڪهڙي ڪاتي جا آفيسر ملوث آهن هن چيو ته سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي آزاديءَ سان ان سموري سسٽم جي خلاف فوري ڪارروائي شروع ڪري. نگران صوبائي وزير سي اي او واٽر بورڊ کي مخاطب ٿيندي چيو ته واٽر بورڊ فوري طور تي قانوني هائيڊرنٽس جي لسٽ فراهم ڪري. هن چيو ته غير قانوني هائيڊرنٽس هڪ وڏي مافيا آهي. ان جي پٺڀرائي ڪندڙن جا تفصيل فراهم ڪيا وڃن. مبين جمالي چيو ته ميونسپل ڪاتي مان گهوسٽ ملازمن جي برطرفي کي هرصورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. جنهن سبب اسان کي مالي بحران جو شڪار ٿيڻو پيو هن لوڪل گورنمينٽ سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته هو تاڪي ڪاتي مان ارزي تي شيئر سڌو سنئون ڪائونسلن کي فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کڻي ته جيئن ان ۾ چيڪ اينڊ بيلنس برقرار رهي ۽ سڀني ڪائونسلن ۾ ملازمن جو تعداد مقرر ڪيو وڃي ۽ ڪو به ڪائونسلر پنهنجي مرضي جا ملازم نه رکي ته جيئن اوزر تي شيئر مان ترقياتي ڪم ٿي سگهن. اجلاس ۾ واٽر بورڊ، سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، ڪي ڊي اي، ايم ڊي اي، ايم ڊي اي، سهيل ڊولپمينٽ اٿارٽي، سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ ۽ ٻين اختيارين جي ڊي جيز نگران صوبائي وزير کي پنهنجي لاڳاپيل اختيارين بابت آگاهه ڪيو اجلاس ۾ بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ ۽ بحالي واري صوبائي وزير محمد مبين جمالي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته اسان سڀني کي هڪ ٻيج تي گڏ ٿيڻو پوندو ۽ عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ جي ايجنڊا تي هلڻو پوندو هن چيو ته سنڌ جي نگران وڏي وزير جو هڪ ئي ويزن آهي ته جيستائين نگران هتي آهيون عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪيون.

بقايا 30 ***

۾ به ٻارڙيون گٽر ۾ ڪِري پيون، جن کي شهرين ڪڍي صاف پاڻي سان وهنجاريو واضح رهي ته شهر جي گٽرن ۾ ٻار ڪرڻ جا اڳ به ڪيترائي واقعا پيش اچي چڪا آهن. ڪجهه ڏينهن اڳ ميمڻ ڳوٺ جي ڄاموٽ پاڙي ۾ ٽن ورهين جو ٻارڙو گٽر ۾ ڪري فوت ٿي ويو هو.

بقايا 31 ***

جي تڪميل ٿئي. نظريه پاڪستان کي ترجيحي بنيادن تي فروغ ڏيڻ جو عزم ظاهر ڪندي چيو آهي ته قائداعظم محمد علي جناح سدائين اقليتن جي حقن جي ڳالهه ڪئي. نگران حڪومت پنهنجي آئيني ذميواري پوري ڪندي، شفاف ۽ منصفاڻي چونڊن جي لاءِ هر ممڪن مدد فراهم ڪنداسين. اهڙن خيالن جو اظهار هن قائداعظم محمد علي جناح جي مزار تي حاضري کانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو نگران وزيراعظم چيو ته قائد جي مزار تي حاضري جو شرف حاصل ٿيو هن چيو ته جنهن مقصد جي لاءِ قائداعظم هي رياست جوڙي ان سان وفا جو وچن ڪيو وڃي، آئيني گهرجن جي ڏس ۾ هي حڪومت محدود مدي جي لاءِ وجود ۾ آئي. چونڊ عمل ۾ مدد ۽ نگراني جي لاءِ پنهنجون سمورين توانائيون ۽ ڪردار ادا ڪنداسين ۽ ڪوشش هوندي ته ان عمل کي شفاف ۽ غيرجانبدارانه انداز ۾ مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن سمورن ڌرين کي اهو عمل قابل قبول هجي ۽ پاڪستان ۾ آئيني ۽ قانوني طريقي سان اقتدار جي منتقلي جي تڪميل ٿئي. هن چيو ته پاڪستان جي نظريي، فڪر ۽ وفاق بابت قائداعظم محمد علي جناح ۽ علامه اقبال جو جيڪو پيغام آهي ان محدود وقت ۾ ان سماجي معاهدي جو بار بار ماڻهن سان ذڪر ڪريو جنهن تحت هن رياست جي وجود جي جوڙجڪ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. هي رياست بنيادي طور تي هڪ غالب اڪثريت جي غاصباڻي حڪمراني جي انداز کي پرکيندي هڪ وڏي اقليت جي لاءِ جوڙي وئي. اها غالب اقليت اڪثريت بڻجي وئي جنهن کانپوءِ اقليتن جون نيون شڪليون رونما ٿي ويون. وزيراعظم چيو ته قائداعظم محمد علي جناح 11 آگسٽ 1947ع تي آئين ساز اسيمبلي کي تاريخي خطاب ڪيو اهو خطاب نئين اقليتن جي حوالي سان هو جيڪي نئين رياست جي ٺهڻ کانپوءِ وجود ۾ آيون. زبان، مذهب ۽ فرقي جي بنياد تي سماجي گروپ سامهون آيا. بنيادي نعرو اهو ئي ڏنو ته پاڪستان جي اندر سماجي ۽ معاشي حق شهري ۽ رياست جي وچ ۾ هوندا. اهي مذهب ۽ صوبائيت کان مٿانهون ۽ صلاحيت جي بنياد تي هوندا. هن چيو ته اسان کي جيڪا آئيني ذميواري ڏني وئي آهي اها قائد جي خواب ۽ ان جي عزم جو مظهر آهي جو ته مختلف حوالن سان پنهنجي پنهنجي پروفيشن جا ماهر ماڻهو ترقي ڪندي نظر اچي رهيا آهن ۽ ملڪ ۽ معاشري جي خدمت جي لاءِ پرعزم آهن. اهي ايماندار طرز عمل سان اڳتي وڌندي نظر ايندا. اهو ئي عمل پاڪستان جو مستقبل آهي ۽ اهو ئي عمل ۽ نڪر ملڪ جي لاءِ رول ماڊل آهي. ان موقعي تي سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري، سنڌ جو نگران وڏو وزيرجسٽس (ر) مقبول باقر ۽ اطلاعات ۽ نشريات وارو نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ۽ ٻيا ڪابينا ميمبر پڻ موجود هئا.

بقايا 32 ***

مهينن جي دوران پنهنجي وزارت جي ڪارڪردگيءَ کان آگاهه ڪيو پارٽيءَ جي چيئرمين شازيه مري بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته بينظير ڪفالت پروگرام ۾ 25 سيڪڙو واڌ ڪئي. جڏهن ته 14 لک خاندانن کي به هن پروگرام ۾ شامل ڪيو ويو پهرين ڀيرو خواجه سراءِ کي پڻ هن پروگرام ۾ شامل ڪيو ويو گذريل حڪومت ۾ اڍائي لک کان مٿي ماڻهن جي امدادي بندش ٻيهر شروع ٿي وئي. بينظير نشونما پروگرام کي 15 مان 157 ضلعن تائين وڌايو ويو، جڏهن ته 488 بينظير نشونما سهولت مرڪز به بڻايا. بينظير تعليمي وظائف پروگرام ۾ 201 سيڪڙو تائين وڌايو ويو شازيه مري وڌيڪ ٻڌايو ته انهن جي حلقي سانگهڙ جي ريگستاني علائقي اڇڙو ٿر ۾ پاڻي جي تاريخي اسڪيم ڏني چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کان سينيٽر رضا رباني بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. بلاول ڀٽو زرداري چيئرمين رضا رباني بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 33 ***

پختونخواه جو چوڻ آهي ته چيئر لفٽ ۾ ڦاٿل سمورن 8 ڄڻن کي بحفاظت ڪڍيو ويو آهي. ريسڪيو ڪيل ماڻهن ۾ عرفان، نياز محمد، رضوان، گلفراز، شير نواز، ابرار، عطاءُ الله ۽ اسامه شامل آهن پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري ڪاتي (آءِ ايس پي آر) موجب بٽگرام ۾ پاڪ فوج جو انتهائي پيچيده ۽ مشڪل ريسڪيو آپريشن ڪامياب رهيو ۽ 600 فوٽن جي بلندي تي چيئر لفٽ ۾ ڦاٿل ماڻهن کي بچايو ويو آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته ريسڪيو آپريشن جي قيادت جي او سي ايس ايس جي ڪئي. آرمي چيف جي هدايت تي آرمي ايوي ايشن، ايس ايس جي ٽيمن ريسڪيو آپريشن تيزيءَ سان شروع ڪري ڇڏيو آپريشن ۾ پاڪ فوج جي اسپيشل سروسز گروپ جي سلنگ ٽيم ۽ ڀي اي ايف جي هيلي ڪاپٽر پڻ حصو ورتو آرمي ايوي ايشن اسلنگ ٽيم کي مڪمل ٽيڪنيڪل سپورٽ فراهم ڪئي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته آپريشن ۾ پاڪ فوج ۽ پاڪ فضائيه جي پائليٽن بي مثال مهارت ۽ ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو.ريسڪيو آپريشن کي ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪرڻ لاءِ مقامي ڪيبل ماهر کي پڻ ريڪويو آپريشن ۾ سول انتظاميا ۽ مقامي ماڻهن به ڀرپور حصو ورتو.اهو هڪ تمام ڏکيو ۽ مشڪل آپريشن هو.آءِ ايس پي آر موجب پاڪ فوج ۽ پاڪ فضائيه جا هيلي ڪاپٽر بروقت واقعي واري هنڌ پهچي امدادي ڪارروايون شروع ڪيون. ريسڪيو آپريشن ۾ شامل سمورن ٽيمن هن منفرد آپريشن کي انجام ڏئي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو پاڪ فوج هر ڏکئي وقت ۾ عوام جي آواز تي ڀرپور جواب ڏنو آهي. پاڪ فوج ڏک جي هر گهڙي ۾ عوام سان گڏ بيٺي آهي ۽ ڪندي رهندي. ريسڪيو آپريشن سج لٿي کان پوءِ به جاري رهيو ذريعن موجب هيلي ڪاپٽر ذريعي ٻارڙي کي ريسڪيو ڪرڻ بعد زمين تان آپريشن شروع ڪيو ويو. رات ۽ موسم جي خرابي سبب هيلي ڪاپٽر ريسڪيو آپريشن ملتوي ڪيو ويو ذريعن جو چوڻ آهي ته اونداهيءَ باوجود پاڪ فوج متبادل طريقن سان ريسڪيو آپريشن جاري رکيو. هڪ ننڍڙي ڊولي ساڳئي تار تي رکيل هئي ۽ متاثر ڊولي جي ويجهو منتقل ڪيو ويو هڪ ننڍڙي ڊولي مان ڦاٿل ماڻهن لاءِ کاڌي پيتي جو سامان به موڪليو ويو ۽ هڪ هڪ ڪري ٻارن کي وڏي احتياط سان ان ئي ڊولي ۾ بچايو ويو ان کان علاوه پاڪ فوج آپريشن لاءِ اترين علائقن مان مقامي ڪيبل ڪراسنگ ماهرن کي به ڀرتي ڪيو نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ الائي جي ڪامياب آپريشن تي قوم کي مبارڪباد ڏني آهي پنهنجي هڪ بيان ۾ نگران وزيراعظم چيو ته هو الله جو شڪر ادا ڪريان ٿو جنهن تي ٻارڙن سميت سمورن ماڻهن کي بچائي ورتو هن چيو ته پاڪ فوج، ريسڪيو ادارن، ضلعي انتظاميا ۽ مقامي ماڻهن شاندار ٽيم ورڪ جو مظاهرو ڪيو هن چيو ته ريسڪيو ۾ شامل آفيسرن، اهلڪارن ۽ رضاڪارن 8 خاندانن جي زندگين کي بچائي ورتو ۽ 8 قيمتي جانيون ضايع ٿيون.

چيئرلفٽ ۾ دل جو دورو پوڻ سبب هڪ ڇٺو بي هوش ٿي ويو: گلفراز

بٽگرام جي تحصيل الائي ۾ جبلن جي وچ ۾ چيئرلفٽ ۾ ڦاٿل هڪ شاگرد گلفراز چيو آهي ته اسان 6 ڪلاڪن کان لفٽ ۾ ڦاسي پيا آهيون. ان حوالي سان گلفراز ٻڌايو ته چيئر لفٽ ۾ هڪ چوڪرو بي هوش آهي جيڪو دل جي بيماري ۾ مبتلا آهي ۽ هو اسپتال وڃي رهيو هو گلفراز جو چوڻ آهي ته لفٽ ۾ اسان مان 8 ڄڻا آهيون ۽ هڪ چوڪرو 3 ڪلاڪن کان بي هوش آهي. اسان وٽ چيئرلفٽ ۾ ٻيهڻ جو پاڻي به ناهي. بٽگرام ۾ چيئرلفٽ ۾ ڦاٿل ٻارڙن ۽ استادن جون زندگيون بچائڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن: بلاول

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته بٽگرام ۾ چيئرلفٽ ۾ ڦاٿل ٻارڙن ۽ استادن جي زندگين کي بچائڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن. ان حوالي سان پنهنجي هڪ بيان ۾ بلاول ڀٽو چيو آهي ته چيئرلفٽ ۾ ويٺل ٻارن ۽ استادن کي بچائڻ لاءِ هيلي ڪاپٽر موڪليا وڃن. بلاول ڀٽو چيئرلفٽ ۾ ڦاٿل ٻارن ۽ استادن جي صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي. ان کان علاوه نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ زبون حال ۽ غيرمعمولي چيئرلفٽ کي فوري طور بند ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. نگران وزيراعظم بٽگرام ۾ پشتو جي چيئرلفٽ ۾ ڦاٿل 8 ماڻهن کي فوري طور رسڪيو ڪرڻ جي به هدايت ڪئي آهي.

جيڪي چيئرلفٽ زبون حالت آهن ۽ حفاظتي معيار تي پورا ناهن انهن کي فوري طور تي بند ڪيو رجي. نگران وزيراعظم جي هدايت

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ زبون حال ۽ غير آئيني چيئر لفٽ کي فوري طور تي بند ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. نگران وزيراعظم بٽگرام ۾ پشتو جي چيئرلفٽ ۾ ڦاٿل 8 ماڻهن کي فوري طور ريسڪيو ڪرڻ جي به هدايت ڪئي آهي. ان حوالي سان نگران وزيراعظم اين ڊي ايم اي، پي ڊي ايم اي ۽ سمورن لاڳاپيل ريسڪيو ادارن کي سمورا وسيلا ڪتب آڻڻ جي هدايت ڪئي آهي. انوارالحق ڪاڪڙ جبل وارن علائقن ۾ اهڙن چيئرلفٽن تي حفاظتي انتظامن کي يقيني بڻائڻ جي به هدايت ڪئي آهي. واضح رهي ته بٽگرام جي تعلقي الائي ۾ چيئرلفٽ ۾ ڦاٿل ٻارڙن کي ڪڍڻ لاءِ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي. چيئرلفٽ اونهي کوٽائي پار ڪندي صبح 7 وڳي کان رسي ٽٽڻ سبب ڏهڪجي وئي.

هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا | سنڌيار | 01

شهر ۽ ضلعن جيڪب آباد، ڪشمور، گهوٽڪي، پنو عاقل، شڪارپور، نوشهرو فيروز سميت ٻين شهرن کان سکر ۾ آيل هزارين صحافين، وڪيل برادري، واپارين، سماجي تنظيمن اسٽيپ فائونڊيشن، سکر شهري اتحاد، مزدور اتحاد، عوامي تحريڪ، جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ سول سوسائٽي ٻاران ڀرپور شرڪت ڪري شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن سهولتڪارن کي گرفتار ڪري ڦاهي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي. سکر پريس ڪلب مان هزارين صحافين ۽ سياسي سماجي مذهبي واپاري ۽ سول سوسائٽي جي فردن پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ ايس يو جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ ڊي آءِ جي سکر آڏو لڳل ڌرڻي ۾ پهتا، جتي سمورن مظاهرين حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارن کان مطالبو ڪيو ته شهيد صحافت جان محمد مهر جي سمورن قاتلن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪيو وڃي، سکر جي تاريخ ۾ اهڙو واقعو ناهي ٿيو سکر پوليس ناڪام ثي چڪي آهي نااهل ايس ايس پي سکر فوري طور هٽايو وڃي سمورن قاتلن جي گرفتاري ۽ انجام تائين خاموش ٿي نه واهنداسين. ڌرڻي کي لالا اسد پٺاڻ، خالد ڪوڪر، مشتاق سرڪي، هائي ڪورٽ بار سکر صدر قربان ملانو سکر شهري اڳواڻ مولانا عبيد الله ابن آزاد پتو، غلام حسين چانگ، فنڪشنل اڳواڻ فقير عنايت ٻرڙو، پي ٽي آئي سکر جو اڳواڻ وڪيل ظهير بابر، ڊاڪٽر عائشا ڌاريجو، شائستا ڪوسو سميت مختلف پريس ڪلبن جي ۽ يونينز جي اڳواڻن شهيد جي پاءُ ڪرم الله مهر جماعت اسلامي جي مرڪزي امير سراج الحق پڻ خطاب ڪيو. ان موقعي تي اڳواڻن 26 آگسٽ تي سي ايم هائوس آڏو ڪراچي ۾ ڌرڻي جو پڻ اعلان ڪيو

بقايا | سنڌيار | 02

لفظن ۾ مذمت ڪئي، هوڏانهن سکر جي سوشل ورڪر شائسته ڪوسو سوشل سماجي اڳواڻ صنم راجپر پڻ شهيد فاطمه ڦرڙو جي ڏڏي تي پهچي سندس وارثن سان تعزيت ڪئي اظهار يڪجهتي ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 03

ڪند خلاف احتجاج ڪندي چيو ته پرنسپال اسڪول کي پنهنجي ذاتي جاگير بڻائي رکيو آهي، استاد جي ٽيسٽ وڻڻ باوجود ٻارن جي داخلا ۾ ڪرپشن جو رڪارڊ موجود آهي، خاندانن ۽ ٻارن کي مفت تعليم ڏيارڻ لاءِ سنڌ حڪومت سڄي سنڌ ۾ عوامي اسڪول قائم ڪري ڇڏيا، جتي غريبن جا ٻار اعليٰ معيار جي تعليم حاصل ڪري سگهن. ان سان گڏ اسڪولن ۾ جعلي استاد ڀرتي ڪري پئسن جي زور تي ڀرتي ڪيو پيو وڃي، گريجوئيٽ ۽ انڊر گريجوئيٽ استادن سان گڏ اميرن جي ٻارن کي اميرن جي ٻارن جي سفارش ڪئي پئي وڃي، پرنسپال ميٽنگ ۾ هاڻي ملڻ نٿو چاهي، پرصديقي کي معلوم ٿيو ته پرنسپال کي ڪرڪيٽر چيو پيو وڃي، ڊسٽرڪٽ بار نوشهروفيروز پاران عدالت ۾ پرنسپال خلاف درخواست داخل ڪئي وئي آهي ۽ هنن مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ايم ڊي قاضي ڪبير ۽ بيڪن هائوس اسڪول جي هيڊ جو نوٽيس وٺي هن نااهل ۽ ناتجربيڪار اسڪول جي پرنسپال سرفراز کي هٽايو وڃي ڪيس بدلي ڪري بيروزگار پرنسپال مقرر ڪري اسڪول ۽ ٻارن جو مستقبل بچايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 04

لبيڪ پاڪستان جي اڳواڻن ميڊيا ان ڳالهائيندي چيو ته رانيپور واقعو انتهائي دل ڏکوئيندڙ واقعو آهي رانيپور واقعي سموري سنڌ جي ماڻهن جو جيئي جهوري وڏو آهي اسان جو انتظاميه کان مطالبو آهي ته سنڌ جي نياڻي فاطمه ڦرڙو سان انصاف ڪيو وڃي فاطمه سنڌ جي مظلوم نياڻي آهي فاطمه تي جن به ظلم ڪيو آهي انهن سڀني ظالمن کي عبرتناڪ سزا ڏني ته جيئن وري ڪا ٻي فاطمه اهڙين ظلم جو شڪار نه ٿئي قانون جي نظر ۾ امير غريب وڏيرو سردار سڀ هڪ آهن اسان هر وقت متاثر ۽ مظلوم خاندان سان گڏ آهيون تحريڪ لبيڪ پاڪستان فاطمه جي خون سان انصاف تائين جدوجهد جاري رکندي هن وقت تائين DIG سکر ۽ SSP خيرپور تمام بهترين ڪارڪردگي ڏيکاري آهي اسان کي اميد آهي ته عدالت فاطمه جي خون سان ضرور انصاف ڪندي ۽ ظالمن کي ضرور پنهنجي انتقام تي پهچائيندي ته جيئن ٻيون سنڌ جون نياڻيون اهڙي ظلم کان بچي سگهن.

بقايا | سنڌيار | 05

. ڏڙو جي صحافين، جسقم ۽ قومي عوامي تحريڪ طرفان سينيئر صحافي گل چوهاڻ، اعجاز اختر ميمڻ، امداد ميمڻ، غلام مصطفي ڪچي، علي رضا ڪچي، اشرف پليجو، انور ملاح، امتياز آڪاش ميمڻ، زوهيب آزاد، شاهنواز سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٻجاري پل چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي صحافين ۽ سياسي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سجاول ضلعي جي بيباڪ صحافي حافظ سعيد ميمڻ کي جهڪائڻ لاءِ سجاول پوليس طاقتور ڌرين جي اشاري تي مٽس ٻاڻي چوري جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي، هنن چيو ته سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ۽ سلطان ڪوٽ جي صحافي اسرار چانڊيو مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ آزاد صحافت تي سڌو وار آهي، هنن مطالبو ڪيو ته سجاول جي سينيئر صحافي حافظ سعيد الله ميمڻ ۽ سلطان ڪوٽ جي صحافي اسرار چانڊيو مٿان داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪرڻ سميت صحافي جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي فورن گرفتار ڪري صحافين ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 06

نوڙهي ڦاٽڪ ڪيس ۾ پڻ اسير رهيو اختر دايو هن وقت سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سينٽرل ڪاميٽي جو ميمبر هيو سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاه پاران اختر دايو جي لاڏاڻي تي سندس پوئيرن سان تعزيت جو اظهار ڪيو ويو آهي. سيد زين شاه جو چوڻ هو ته اختر دايو سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو هڪ بهادر ڪارڪن هيو سندس وڇوڙو پارٽي ۽ خاندان لاءِ تمام وڏو نقصان آهي، اختر دايو کي ايس يو پي اڳواڻن اعجاز سامٽيو، منير نائچ ،مخدوم شمس ،واصف خاصخيلي ،ڊاڪٽر علي نواز گبول ،ڊاڪٽر شبير راڄپر، منصور چانڊيو ۽ ٻين سندس اباڻي شهر ٽل روانو ڪيو جتي سندس آخري رسمون ادا ڪيون وينديون. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ڪراچي ڊويزن پاران ڪامريڊ اختر دايو جي وفات تي 3 ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا | سنڌيار | 07

نظير احمد سوڍر، سڌير احمد سوڍر، بشير احمد سوڍر، منير احمد سوڍر، صحافي محمد فراز سوڍر سميت "سوڍر هائوس" ڪي اين شاه ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڳوٺ الله اوڀايو سوڍر ۾ منهنجي زمين آهي جنهن تي فصل پڻ پوکيل آهي، جوابدار ڏر ماستر ولي محمد سوڍر، اعجاز سوڍر اختيار سوڍر وارا اسان جي زمين جو سينهن ڀنو ڪوري ڪٽڻ جي آڙ ۾ زمين تي قبضي جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، جيڪي هٿيارٻندن سان گڏجي اسانجي ٻارن ۽ ٻڍن تي تشدد ڪيو ۽ اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن. هنن وڌيڪ چيو ته اسان بنيادي زميندار ۽ شريف ماڻهون آهيون. جوابدار ڌريون اسان جي زمينن تي قبضي ڪرڻ لاءِ هٿيارٻندن ڌوهارين ماڻهن کان موتمار ڌمڪيون ڏئي زمينن مان بيدخل ڪرڻ لاءِ نتيجا ڀوڳڻ جو موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جاڻايل جوابدار ڌوهاري قسم جا ماڻهون آهن جيڪي ڪجهه ڏينهن اڳ اسان جي موٽرسائيڪل به کاهي ويا هئا. هنن وس وارن اختيارين کان پر زور مطالبو ڪيو ته جوابدارن جي ڌاڙين خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري اسان جي ڪٽنب کي تحفظ ڏئي انصاف فراهم ڪيو وڃي.س

بقايا | سنڌيار | 08

، شفقت چانڊيو عبدالوحيد ملڪ، نعيم خان لهراڻي، برڪت مستوئي، اعظم ميمڻ،

مشتاق لنڊ ۽ ٻين چيو ته ڊي سي آفيس ڪرپشن جو گڙهه بڻجي وئي آهي ڊي سي نوشهروفيروز سميت ڪوبه آفيسر پنهنجي آفيس ۾ ويهڻ لاءِ تيار نه آهن جنهن سبب ڪم ڪار لاءِ ايندڙ شهرين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جڏهن آفيسرن جا رکيل ملازم هر جائز ڪم تي شهرين کان پيسا گهرن ٿا. رشوت جا پيسا نه ملڻ تي آفيسر ڪو به جائز ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن هنن وڌيڪ چيو ته نوشهروفيروز ضلعي ۾ برسات تباهي مچائي ڇڏي آهي، جنهن سبب شهر جي اڪثر علائقن اسٽيشن روڊ، طالب الدين سولنگي، فوڊ گودام، سول اسپتال، پڊعيدن روڊ، مورو روڊ، ملاڻي روڊ، گرلس هاءِ اسڪول، سميت شهر جي مختلف علائقن مينهن جي پاڻي سان گڏ گٽرن جو پاڻي بيٺل آهي جنهن سبب معصوم ٻارڙن کي اسڪول وڃڻ لاءِ سيوريج جي زهريلي پاڻي مان گذرڻو پئجي رهيو آهي، جڏهن ته پاڻي بدبودار هجڻ ڪي علائقي واسي مختلف بيمارين ۾ ورنجي رهيا آهن پر افسوس ضلعي انتظاميا شهر جي مختلف علائقن مان پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ ڪي به قدم نه کڻڻ لاءِ تيار نه آهي، هنن چيو مطالبو ڪيو ته فوري طور ڊي سي آفيس نوشهروفيروز جي آفيسرن جي ڪرپشن جو نوٽيس وٺي شهر مان گندو پاڻي نيڪال ڪري فنڊن ۾ هيرا ڦيري ڪندڙن ڪامورن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 09

جوٽيجو ۽ ٻين پريس ڪلب سيراڻي اڳيان احتجاج ڪرڻ ڪانپوءِ بدين ڪيڻ روڊ بند ڪري ڌرڻو هڻي سنڌ حڪومت ۽ اين آر ايس پي خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي انهي موقعي تي هنن چيو ته گذريل سال برساتن دوران اسان جا گهر ڊهي ويا ويا هئا سنڌ حڪومت جي اعلانيل رقم هڪ سال گذرڻ باوجود ملي نه سگهي آهي سروري پڻ ڪيو ويو آهي هيهر اين آر ايس پي کان سروي ڪرائي پئي وڃي اهي من پسند ۽ ٻاٿرن جا گهر لکن پيا اسان جا گهر سروي نه ٿا ڪن اسان ڪليل آسمان هيٺ ٻي يارو مددگار ويٺل آهيون هنن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته متاثر خاندانن ۾ گهر سروي واري رقم ڏني وڃي نه ته ٻئي صورت ۾ هو سخت احتجاج ڪندا

بقايا | سنڌيار | 10

محمد يوسف عمراڻي بابل لطيف ڪوسو زوار الطاف ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻيءِ ۾ شهر جي شاهي بازار کان احتجاجي ريلي ڪيدي سنڌ جي صحت کاتي جي نااهليءِ ۽ لاتعلقيءِ خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي وئي احتجاجي ريلي شاهي بازار، ريشم بازار جو گشت ڪرڻ بعد تعلقه اسپتال مانجهند جي گيٽ آڏو پهتي جتي اسپتال جي سامهون 3 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي ۾ جسقم اڳواڻ گلشير ڪوسو ن ليگ جي لياقت علي ملاح پڻ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته مانجهند تعلقه اسپتال وڏي وقت کان سنڌ جي صحت کاتي جي بي ڌيانيءِ سبب علاج لاءِ ايندڙ مريضن لاءِ بي لاپ بڻيل آهي، هنن چيو ته هن مهانگائيءَ جي دور ۾ مريض آمري، سن شالماڻي، لاڪا، ڪاٺوٽ منظور آباد علي آباد ۽ ٻين ڏورانهن ڳوٺن کان ڳرا پاڙا ڀري علاج لاءِ اچن ٿا پر اسپتال ۾ علاج جون بنيادي سهولتون نه هجڻ ڪري ڳرين فين عيوض خانگي ڪلينڪز تان علاج ڪرائي مهانگي اگهه تي خانگي ميڊيڪل اسٽورن تان دوائون وٺن ٿا هنن چيو ته مانجهند تعلقه اسپتال ۾ وڏي عرصي کان ڊاڪٽرن ڊاڪٽريائين جي کوٽ آهي، اسپتال ۾ ايندڙ مريضن لاءِ پيئڻ جو پاڻي به ناهي ڳاٽي وارڊ اکين جو وارڊ غير فعال هجڻ ڪري هتان جا مريض حيدرآباد جامشورو مان علاج ڪرائڻ تي مجبور آهن، ايمبولنسز گهٽ هئڻ سبب وڏن وڏن روڊ حادثن وقت زخمين کي حيدرآباد جامشورو ريفر ڪرڻ لاءِ به مشڪلاتون پيش اچن ٿيون، نانگ بلا ڪتي جي ويڪسن اڻ لڀ آهي مانجهند تعلقي جا ماڻهو وڏي عرصي کان اسپتال جي خراب حالت تي ڏانهون ۽ احتجاج ڪندا اچن پر صحت کاتي جي اعلي عملدارن توڙي اڳوڻي سنڌ حڪومت مانجهند تعلق اسپتال ۾ علاج جي بهتريءِ لاءِ به ڪي قدم نه کنيا هنن نگران وزير اعلي سنڌ صحت کاتي جي سيڪريٽري ۽ ڊي جي هيلٿ کان مطالبو ڪيو آهي ته مانجهند تعلقه اسپتال ۾ مريضن کي درپيش مسئلن جو نوٽيس وٺي علاج جون سموريون سهولتون مهيا ڪيون وڃن

بقايا | سنڌيار | 11

ماڻهن پاران ڪئمپ تي پهچي رت جو عطيو ڏنو ڪئمپ تي ڊي ايس پي ستي دادو عبدالخالق وگڻ پهچي جائزو وٺي ٻڌايو ته رت ڏيڻ لاءِ پهتل ماڻهن جي رت جي چڪاس ڪيو ويو جن جي ٽيسٽ صحيح اچڻ تي انهن کان رت ورتو ويو آهي، ڪئمپ شام 6 بجي تائين قائم رهي، هن پوليس جي جوانن ۽ عام ماڻهن کي رت جو عطيو ڏيڻ جي اپيل ڪئي جڏهن ته فاطميد فائونڊيشن حيدرآباد جي ڊاڪٽر محمد عمران چيو ته دادو واسين پاران ڏنل رت جو عطيو ٿيلسميا ۽ هيموفليا جي مرض ۾ ورتل غريب ۽ لاوارث مريض ٻارڙن کي ڏنو ويندو ته جيئن انهن جي زندگي بچائي سگهجي، فاطميد فائونڊيشن حيدرآباد پاران پهتل ڊاڪٽر عمران چيو ته جيڪي رت جو عطيو ڏيندا انهن جي هيپاٽائيٽس بي سي، مليريا ۽ ٻيون ٽيسٽون فري ۾ ڪيون ويون.

بقايا | سنڌيار | 12

چنچر جي ڏينهن 2 وڳي ڪراچي ۾ مدني چينل جي ٽرانسميشن ۽ اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ چيو ويو هنن چيو ته پوري پاڪستان جيئان ضلعي ٽنڊو محمد خان جي قيادت جي شرڪت ڪرڻ اسان لاءِ باعث فخر هوندي هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي وڌيڪ چيو ته دعوت اسلامي جو قافلو سالن کان هلندو پيو اچي پر ميڊيا ٽيلي ويزن ۽ موبائل فون وقت جي تقاضا آهي جنهن ڪري اسان به ميڊيا ذريعي اسلام کي دنيا ۾ وڌيڪ تيزي سان پکيڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون جڏهن ته صحافين ۾ شامل ڪي ٽي اين ڪاوش جو نمائيندو غلام نبي ڪيريو قادر شورو حفيظ ميمڻ اشرف پرهيار، اياز علي ۽ شڪيل بالادي شامل هئا

بقايا | سنڌيار | 13

تي ڇاپن جو سلسلو جاري رهيو ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان جي هدايتن تي ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن امتياز علي پتي اسسٽنٽ ڪمشنر بدين شفيق احمد آرسر، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن رميش ڪمار، مختيارڪار محمد عمر ميمڻ وڌيڪ اگهه وٺندڙ ڀاڻ جي دڪانن تي ڇاپا هنيا، جنهن ۾ دڪاندارن لطيف سومرو پرشوتم جن تي 50 هزار روپيا ڏنڊ، ڪنيالال آشا رائيس مل ٽنڊو تي 50 هزار روپيا ڏنڊ ۽ لڳ ڀڳ 8 سئو بورين يوريا ڀاڻ جيڪي مل ۾ رکيل هيون اهي پڻ سيل ڪري ڇڏيون آهن دليپ ڪمار ٽنڊو شهر ۾ دليپ ڪمار جي دڪان تي ڇاپو هڻي ان تي بليڪ مارڪيٽنگ ڪرڻ تي 40 هزار روپيا ڏنڊ ۽ سيٺ جامن داس جي گودام جنهن ۾ لڳ ڀڳ 200 کان 250 يوريا ڀاڻ جون ٻوريون سيل ڪيون ويون آهن جيڪي سپاٽي (اڄ) روينيو ۽ ايگريڪلچر اسٽاف جي موجودگي ۾ سرڪاري اگهه تي آبادگارن کي وڪرو ڪري ڏنيون وينديون ٻي طرف ٽنڊو باگو ۾ ڀاڻ جي کوٽ جو نوٽيس وٺندي ايگريڪلچر عملدارن ۽ مختيارڪار ٽنڊو باگو غلام ياسين پنهور ڀاڻ جي ڊيلرن کي وارننگ ڏيندي چيو ته هو ڀاڻ جي ڀاڻمراڊو ڪوٽ کي ختم ڪن ۽ آبادگارن کي سرڪاري اگهه تي گهربل ڀاڻ ضرور ڏين نه ته ٻي صورت ۾ انهن ڊيلرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن بدين امتياز علي پتو چيو ته ڀاڻ جا ڊيلر پنهنجو قبلو درست ڪن ڀاڻ جي ڀاڻمراڊو ڪوٽ پيدا ڪري ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ڪرڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي آبادگار ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ روڪڻ ۾ ضلعي انتظاميه جو ساٿ ڏين

بقايا | سنڌيار | 14

پهچائيندي وارثن کي آٿت ۽ مڪمل ساٿ ڏيڻ جو يقين ڏيارينو ابرار شاه چيو ته جن به معصوم نياڻيءِ سان ظلم ڪيو آهي انهن کي

سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com